# جيڪي بنگال سان ٿيو

مرتب:

رسول بخش پليجو

Gul Hayat Institute

Voice of Sindh E-Book

editor@voiceofsindh.net

www.voiceofsindh.net

# مهاڳ

”اوير پاڪستان ۾ جي ڀيانڪ واقعا ٿيا ۽ جا قيامت ٿي گذري، سو سڀ ڪجهه هڪ خوفناڪ خواب پيو لڳي. اسين انجو تصور به نه ٿا ڪري سگهون. ماڻهو ورق ڪڏهن به اهو ساڳيو ماٺهو ٿي نه سگهندس، جيڪو انهن واقعن کان اڳ هوس. اڄ به اسين انهن ڳالهين جو سوچيون ٿا ته ننڊ ڦٽيو ٿي پوي، اسين ڪي جهنگلي ڪونه آهيون. اسين سڌريل انسان آهيون. پر اسين ڪن جهنگلين جي چنبي ۾ اچي ويا هئاسين . . . . مون اول ئي شيخ مجيب الرحمان کي ٻڌايو آهي ته جو ڪجهه ٿيو آهي، ان تي اسانکي سخت افسوس آهي . . . . انهن واقعن تي رڳو ويچار ڪرڻ سان به منهنجا لڱ ڪانڊارجي ٿا وڃن. جو ڪجهه ٿيو آهي، ان تي مونکي ۽ اسان سيني کي ڏک رسيو آهي.“

(صدر ڀٽو، ڪئناڊا جي براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن سان انٽرويو ۾، 23 جنوري 1972 ع)

اڄ پاڪستان ۾، نئون ورق ورائڻ، نئون پاڪستان اڏڻ، ماضيءَ جي غلطين مان سبق سکڻ، ۽ پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي ڏسڻ جي باري ۾ گهڻو ڪجهه چيو ٿو وڃي . . . .

مگر اهو ڏسي ڏک ٿو ٿئي ته، خيالن جي اظهار جي ٿوري گهڻي آزادي بحال ٿيڻ جي باوجود، اسان پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ ۽ حقيقت تائين پهچڻ جي حاجت محسوس ڪانه ڪئي آهي. انهيءَ لاءِ ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته اسان کي پورو پتو پوي ته مارچ ۽ ڊسمبر 1971 ع جي وچ ۾ اوير پاڪستان ۾ ڇا ٿيو ۽ ڇو ٿيو؟ جيستائين اسان کي اوير پاڪستان جي باري ۾ حقيقت جي پروڙ نه پوندي، تيستائين اسان جو قومي ضمير جاڳي ڪين سگهندو.

پر اسان جي پريس، پنهنجي عادت موجب، اڄ به ان ڏکوئيندڙ پر اهم معاملي تي توجه ڏيڻ کان نٽائي رهي آهي.

ٻيءَ سڄيءَ دنيا ۾ ڪن پاڪستانين کي خبر آهي ته اوير پاڪستان ۾ فوجي ڪاروائي، نسل ڪشيءَ لاءِ هڪڙي سڄي قوم جو ڪوس هو . . . .

هن ٻوائتي ڪاروائيءَ ٻين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ نازين، ويٽ نام ۾ آمريڪين ۽ انڊونيشيا ۾ سهارتو ٽوليءَ جي ظلمن کي به مات ڪري ڇڏيو . . . .

Gul Hayat Institute

قتل عام ٿيو، ۽ اسين ان ڏوھ ۾ مائيٽا شريڪ ھئاسين، قوم پاڻ کي ان ڏوھ کان ڪيئن ٿي آجو ڪري سگھي، جڏھن ان کي ان ڏوھ جي پوري حقيقت به معلوم نه آھي؟

اڄ پاڪستان ۾ اھا گھُرَ ڪئي ٿي وڃي ته يحيا ۽ ھن جي ساٿين کي ڦاسيءَ تي چاڙھيو وڃي. ڦاسي ڇا لاءِ؟ انھيءَ لاءِ ته ھو ملڪ جي فوجي شڪست جو ڪارڻ بنيو، ۽ نه انھيءَ لاءِ ته ھن انھن ماڻھن جو ڪوس ڪرايو، جن کي اڄ به اسين ھم وطن سڏي رھيا آھيون. اسان جون اخبارون انھيءَ تي ته واويلا مچائي رھيون آھن ته بھاري، مڪتي باھنيءَ جي ڏاڍاين جو شڪار ٿي رھيا آھن؛ پر ھو فوج جي ڪيل خونريزيءَ تي اڃا تائين خاموش آھن. اسين اھڙين اخبارن جي سچائي ۽ معتبري نه مڃينداسين. بھارين جي حمايت ۾ ته عام ھڙتال ڪئي وئي، باقي برباد بنگالين جي باري ۾ ھڪ به ٺھراءُ پاس نه ڪيو ويو، ۽ ھڪ به ايڊيٽوريل نه لکيو ويو!!

جڏھن ھڪڙي قومي اخبار ٽيليويزن تي ڍاڪا جي آڻ مڃڻ جي فلم ڏيکارڻ تي ايڊيٽوريل ۾ احتجاج ڪري ٿي، ته اھو فقط اھو ٿو ڏيکاري ته ڪيئن نه اسان کي باقاعدي بي خبر رھڻ تي ھيرايو ويو آھي، ۽ ڪيئن نه اسين پنھنجو پاڻ کي ٺڳڻ ۾ ماھر ٿي ويا آھيون! اسين اُٺ پکين ۽ ھڪ طرفو سوچڻ وارن جي قوم بنجي ويا آھيون.

اوڀر پاڪستان ۾ فوجي ڪاروائيءَ جي نوَن مھينن دوران، سمنڊ پار رھندڙ پاڪستانين، ڏاڍي ڏک ۽ ڏھڪاءَ جي جذبن سان ٽيليويزن تي اھي تصويرون ڏٺيون، جن ۾ پاڪستاني سپاھين ۽ رضاڪارن جي درندگي ڏيکاري وئي ھئي؛ ۽ اخبارن جا اھي اکين ڏٺا احوال پڙھي صدمو پھتو، جن ۾ لکين بنگالين جي بيوسي ۽ مظلوميءَ جون خبرون ھونديون ھيون . . . .

مغربي ملڪن جا رھاڪو، جن جي سنسني خيز ۽ تشدد وارن واقعن لاءِ اوسات بي انت آھي، تن لاءِ سارو عرصو، پاڪستان ۽ بنگلا ديشُ، ھيبتناڪ ڪھاڻين جو مکيه موضوع رھيا، اسان کي ھنن جو انھن ظلمن تي حد کان زيادھ زور ڏيڻ پسند نه ھو ۽ اسان ھنن جي نيت ۾ به شڪ ٿي ڪيو، پر اسان حقيقتن کان انڪار ڪري نه ٿي سگھياسين.

جيئن ته مغربي پريس ۾ اوڀر پاڪستان جي مناسب سياسي ڇنڊڇاڻ ناپيد ھئي، ان ڪري اتي جي موجودھ حالتن کي سمجھڻ لاءِ، اسان اھا ضرورت محسوس ڪئي ته اتي جي ماڻھن کي پاڪستان جي اصلي سياست کان واقف ڪيو وڃي.

Gul Hayat Institute

مگر اڄ اسان کي ان کان به وڌيڪ اهم ضرورت درپيش آهي، ۽ اها ضرورت آهي پاڪستان ۾ پاڪستانين کي حقيقت کان واقف ڪرڻ. اسان ڪڏهن به ڪونه سوچيو هو ته، اسان محدود وسيلن وارن کي، پريس تان پابنديون لهڻ کان پوءِ اهو فرض سرانجام ڏيڻو پوندو. بهرحال، هنن تلخ ۽ اڻ وڻندڙ سچائين ٻڌائڻ جي اهميت مدنظر رکندي، اسان اوڀر پاڪستان ۾ ڪوس جي باري ۾ هي ڪتابڙو ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

هن ڪتابڙي جو مواد هڪ طرفو ضرور آهي، پر طرفداريءَ وارو نه آهي. فوج جي دهشت انگيزي بيان ڪندي اسين انهن ڏاڍاين کان انڪار ڪونه ٿا ڪريون، جي عوامي ليگ جي پوئلڳن، فوجي مداخلت کان اڳ ۽ اوڀر پاڪستان جي هار ٿيڻ کان پوءِ، غير بنگالين جي خلاف ڪيون. انهن جي اسان جي ماڻهن کي خبر آهي. اهي ڳالهيون وڏاءُ ڪري پاڪستانين کي ٻڌايون ويون آهن. انهيءَ هڪ طرفي اطلاع جي مقابلي ۾ ئي اسين هي حقيقتون ٻڌائڻ گهرون ٿا. اسين اهو ڪجھ ٻڌائڻ چاهيون ٿا جو نه ٻڌايو ويو آهي. ائين ڪرڻ مان اسان جو مطلب، قومي ضمير جاڳائڻو آهي ۽ نه الزام تراشي.

اسان کي احساس هو ته مغربي پريس ۾ نسلي ۽ مسلمانن خلاف تعصب موجود آهي، ان ڪري خبرن جي انتخاب ۾ پوري خبرداريءَ کان ڪم ورتو ويو آهي. هتي جيڪي رپورٽون پيش ڪيون ويون آهن سي هر لحاظ کان اعتبار جوڳيون آهن، ۽ انهن ۾ وڏاءُ يا غلط بياني هجڻ جو ڪو سبب ڪونهي.

پهريون رپورٽون، ٻن پرڏيهي اخبار نويسن، سمن ڊرنگ (Simon Dring) ۽ ميڪائيل لارينٽ (Michael Laurent) جون آهن. 15 مارچ 1971ع جي رات جو، پاڪستاني لشڪر، ڍاڪا ۾ موجود مڙني 35 غير ملڪي اخبار نويسن کي پڪڙي، پرڳڻي مان نيڪالي ڏني. انهن پنجتيهن مان مٿيان ٻه ڄڻا ملٽريءَ کان لڪي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، ۽ هنن ئي فوجي ڪاروائي جي منڊ وارو يعني 25 – 26 مارچ جو اکين ڏٺو احوال دنيا کي ٻڌايو.

مئي مهيني ۾ فوجي حڪومت ڇهن پرڏيهي نامه نگارن کي اوڀر پاڪستان ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني. هنن کي رٿيل رٿا موجب اهڙيون جايون ڏيکاريون ويون، جتي حڪومت جي چوڻ موجب، بنگالين جا غير بنگالين تي ظلم جا آثار موجود هئا. پر انهن مان ڪي نامه نگار، لشڪر جي ڪيل وڏي پيماني واري خونريزيءَ جا ثبوت ڏسڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

Gul Hayat Institute

نيويارڪ ٽائيمس جي عيوضي، مالڪوم برائون (Malcolm Browne) جو انهن ڇهن نامہ نگارن مان هو، تنهن انهيءَ مختصر سفر ۾ جو ڪجھ ڏٺو، سو بيان ڪيو آهي.

ساڳئي وقت، پرڏيهي اخبارن جي پاڪستاني خاطر ڪي حڪم ڪيو ويو تہ هو پنهنجي پنهنجي اخبار ڪي فوجي قدم جي فائدي ۾ ۽ اهو قدم حق بجانب هجڻ جي پٺڀرائي ۾ مضمون لکي موڪلين. انهن مان هڪڙو اخبار نويس انٿوني مسڪارينهاس (Anthony Mascarenhas) جو اخبار "مارننگ نيوز" ڪراچي جو نائب ايڊيٽر بہ هو ۽ لنڊن سنڊي ٽائيمس جو خاطو بہ هو، سو ڪن فوجي آفيسرن سان سندن خوني مهم تي گڏ رهيو.

هن خاطوءَ حالي فوجي حڪومت جي خواهش موجب هڪ رپورٽ لکي. هن جي اها رپورٽ، پاڪستاني سفارت خانن جي ذريعي، دنيا جي ٻين ملڪن ڏي موڪلي ويئي ۽ اتي عام جام ورهائي ويئي. پر پوءِ مسڪارينهاس کي وويڪ جا اهڙا وڍ پيا، جو پاڪستان کي هميشہ لاءِ خيرباد چئي، ڇڏي هليو ويو ۽ دنيا کي اهي حقيقي واقعا ٻڌايائين جي هن اوپر پاڪستان ۾ ڏٺا هئا. مسڪارينهاس جي اها ڪهاڻي سيني ڪان وڏيڪ معتبر ۽ تفصيل سان بيان ڪيل آهي. پهرين اها "لنڊن سنڊي ٽائيمس" ۾ شايع ٿي، ۽ پوءِ دنيا جي ڪيترن ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ وري وري ڇپبي رهي. اسان بہ ان مضمون کي هن ڪتابڙي ۾ پوري پوري جڳھ ڏني آهي. نيوزويڪ رسالي جي خاطر، 28 جون 1971ع ۽ 2 آگسٽ 1971ع وارن پرچن ۾، هندستان ۾ آيل بنگالي پناهگيرن سان ملاقات ڪري انهن ڳالهين جي تصديق ڪئي، جي مسڪارينهاس پنهنجي اکين سان ڏٺيون هيون. نيوزويڪ جي انهن رپورٽن جا هن ڪتابڙي ۾ فقط ڪي ٽڪرا نقل ڪيا ويا آهن.

پرڏيهي پريس ۾، ظلم جو شڪار ٿيل ڪن ماڻهن جي واتان ٻڌايل واقعا، سندن ئي لفظن ۾ بہ شايع ٿيا هئا. انهن مان بہ هڪ واقعو، جو بدترين چئي نہ ٿو سگهجي، سو بہ هن ڪتابڙي ۾ ڏنو ويو آهي.

ان ڳالھ جو هرڪو ثبوت موجود آهي تہ ذلت پري آڻ مڃڻ جي آخري گهڙيءَ تائين، پاڪستاني فوج ۽ رضاڪارن طرفان قتل و غارت، ڦرلٽ، باهيون ڏيڻ ۽ زوري زنا جون وارداتون ٿينديون رهيون.

خاص دهشتناڪ اهي تصويرون هيون، جي ٽيليويزن تي 26 نومبر 1971ع ۽ 1 ڊسمبر 1971ع تي ڏيکاريون ويون.

Gul Hayat Institute

”البدر“ رضاڪارن جي هٿان ڪٺل دانشورن جي گهڻ لاشي قبر ملڻ ثابت ڪيو ته اسان جا فوجي عملدار، ان قلم سان به بنگالين جي موت جا پروانا صحي ڪندا رهيا، جن ۾ هنن، هندستان کان شڪست کائڻ واري دستاويز تي صحي ڪرڻ واسطي مس پري هئي . . . .

اسان کي صدر پٽي جي ان بيان جي سچائيءَ ۾ شڪ ناهي ته اسين مهذب ماڻهو آهيون. جيڪڏهن، جو ڪجهه اوڀر پاڪستان ۾ ٿيو، سو ڪن مٺ جيترن حيوان صفت انسانن جو ڪارنامو هو، ته پوءِ چا هڪ مهذب قوم جي حيثيت ۾ اسان جو فرض ناهي ته اسين ان کي ننديون؟ هٽلر جي ڪرتوتن جو بدلو، جرمن يهودين کي پيا ڀرين. چا اسين انهيءَ لاءِ تيار آهيون ته فقط پنهنجو ڏوهه قبول ڪريون ۽ بنگالين کي پنهنجي مرضي مطابق آزاد رهڻ لاءِ ڇڏي ڏيون؟

**پاڪستان فورم**

ڪئنادا

Gul Hayat Institute

# لنڊن ڊيلي ٽيليگراف جي رپورٽ

## خاطوءَ جي پنهنجي ڪهاڻي

جيئن ئي اوپر پاڪستان ۾ سياسي چڪتاڻ وڌڻ لڳي، تيئن ئي 6 مارچ تي، ڊيلي ٽيليگراف اخبار جو خاطو، سمن ڊرنگ (Simon Dring) هوائي جهاز رستي اچي ڍاڪا پهتو.

ڊرنگ جنهن جي عمر 27 سال آهي، تنهن بيان ڪيو آهي ته، ڪيئن هُو، جاسوس پارٽين، جن غير ملڪي اخبار نويسن کي ملڪ نيڪالي ڏني هئي، تن کي اکين ۾ سورمون پائي، اتي ترسيو، ۽ لڙائيءَ واري ايراضيءَ ۾ وڃي. روبرو حالتون ڏسي، اکين ڏٺو احوال لکيو.

پوءِ هو ڍاڪا مان نڪري بئنگڪاڪ پهتو ۽ لکيائين:

”گذريل هفتي، شيخ مجيب الرحمان جي پنجويهه سال پراڻي آزاديءَ جي هلچل دٻائڻ لاءِ، پاڪستاني فوج ڍاڪا ۾ وارد ٿي. ان ڏينهن هڪدم مڙني پرڏيهي اخبار نويسن کي، بندوقون ڏيکاري اچي انٽرڪانٽيننٽل هوٽل ۾ بند ڪيو ويو، ۽ اتان ئي هنن کي ڪراچيءَ موڪليو ويو.

البت مون هوٽل جي ڇت تي لڪي، پاڻ کي نظر بند ٿيڻ کان بچايو. پوءِ فوج، ڪيترين ڪوشش جي باوجود، ٻن غير ملڪي اخبار نويسن، هڪ مان ۽ ٻيو ائسوسيئيٽڊ پريس فوٽو گرافر مچل لارينٽ (Michael Laurent) کي هٿ ڪري نه سگهي. پوءِ مون وڏي پيماني تي برنڊ شهر جو گشت ڪيو ۽ ڏٺي تي پاڪستان جي حڪومت جو ڪرايل اهو قتل عام ڏٺو، جنهن کي هوءَ لڪائڻ جا جتن ڪري رهي آهي.

ڪالهه، مان تلاشي وٺندڙ آفيسرن کان پاڻ بچائي، اولهه پاڪستان ڏانهن ويندڙ جهاز ۾ چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. منهنجا ڪپڙا لهرايا ويا ۽ منهنجي سامان جي ذري پرزي جي چڪاس ڪئي ويئي، پر پنهنجا لکيل نوٽ بئنگڪاڪ تائين صحيح سلامت کڻي اچڻ ۾ مون کي ڪاميابي حاصل رهي ۽ انهن ئي نوٽس مان پنهنجي هيءَ رپورٽ پيش ڪري رهيو آهيان:

❖

Gul Hayat Institute

# رپورٽ

(لنڊن ڊيلي ٽيليگراف، 30 مارچ 1971ع)

## پاڪستان ۾ ٽئنڪن سان بغاوت کي دٻايو ويو!
## ست هزار قتل ڪيا ويا، گهر ساڙيا ويا!!

اڄ ڍاڪا خدا ۽ متحد پاڪستان جي نالي ۾ ڏٻيل ۽ هراسيل شهر آهي. چوويهن ڪلاڪن جي پاڪستاني لشڪر جي وحشي ۽ بيرحم بمباريءَ ڪري ست هزار ماڻهو موت جو شڪار ٿي چڪا آهن ۽ پاڙن جا پاڙا زمين دوز ٿي ويا آهن ۽ اوڀر پاڪستان جي آزاديءَ جي جنگ جو ڪنورتا سان خاتمو آندو ويو آهي.

فوجي حڪومت جي سربراهه، صدر يحيا خان جي انهيءَ دعوا جي باوجود ته حالتون معمول تي آهن، هزارين لکين ماڻهو ٻهراڙيءَ ڏانهن ڀڄي رهيا آهن: شهرن جا رستا ويران ۽ سنسان آهن، ۽ پرڳڻي جي ٻين حصن ۾ خونريزي جاري آهي.

پر ان ۾ شڪ ناهي ته فوج جو وڏن شهرن تي ذري گهٽ پورو قبضو آهي، ۽ اتي ماڻهن جو مقابلو نه هئڻ جي برابر آهي. انهيءَ هوندي اجا به معمولي ڇيڙ ڇاڙ يا گڙٻڙ تي ماڻهن تي گوليون هلايون ٿيون وڃن، ۽ اجا به انڌا ڌنڌ عمارتون ساڙيون ٿيون وڃن.

صاف نظر اچي رهيو آهي ته فوج اوڀر پاڪستان جي ساڍا ست ڪروڙ بنگالي آباديءَ تي پنهنجو ڏاڪو جمائڻ لاءِ هڙئي حيلا هلائڻ جو پختو ارادو ڪري چڪي آهي.

اهو ٻڌائڻ ناممڪن آهي ته ان ڪاروائيءَ ۾ هڪ ڏينهن اندر، ڪيترن بيگناهن جون حياتيون ضايع ٿيون. پر جيڪي اطلاع پهچي رهيا آهن، تن مان اندازو ٿئي ٿو ته وڏن شهرن جهڙوڪ چٽاگانگ، ڪوميلا، جيسور ۽ ڍاڪا ۾ مئلن جو تعداد پندرهن هزار آهي.

البت فوجي ڪاروائي جي هيبت ۽ هولناڪيءَ جو پورو پورو اندازو لڳائي سگهجي ٿو: شاگرد پنهنجي بسترن ۾ مئل، ڪاسائي پنهنجي دڪانن ۾ ڪُٺل، ضاعفن ۽ ٻارن جا گهرن ۾ سڙيل لاش، هندن جا هجوم جا هجوم گهرن کان ٻاهر

Gul Hayat Institute

ڪدي ميدانن ۾ گولين جا نشانا بنيل، بزاريون ۾ مارڪيٽ سڙي ۾ ڍهي پٽ تي پيل: ۾ اهڙي وايون منڌل ۾ مکيه شهر جي مڙني عمارتن مٿان، پاڪستان جو جهنڊو جهولي رهيو هو.

حالي ته بنگالي بغاوت مڪمل طرح ختم ٿيل ڏسجي ٿي. شيخ مجيب الرحمان کي فوج جي حراست ۾ ڏنو ويو، ۽ عوامي ليگ جا گهڻو ڪري سڀ چوٽيءَ جا اڳواڻ گرفتار ٿي چڪا آهن.

## هٿياربند حملو

هلچل جي مکيه اڳواڻن مان هڪڙا پڪڙيا ويا آهن، ۽ ٻيا قتل ٿي چڪا آهن. ٻه وڏيون اخبارون، جي شيخ جي تحريڪ جي پنيرائي ڪنديون هيون، تن کي ناس ڪيو ويو آهي.

پر 25 مارچ جي رات تي، جيئن ئي ٽئنڪون گهڙگهات ڪنديون ڍاڪا ۾ گهڙيون، ته پهريون نشانو ٿيا شاگرد.

ڍاڪا تي ڪاهه ۾ ٽي پلٽڻون استعمال ڪيون ويون. هڪڙي ٽئنڪن واري، ٻي توبخاني پلٽڻ ۽ ٽين پيدل پلٽڻ. هنن رات جو ڏهين بجي چانوٽي ڇڏي. يارهين بجي گوليبازي شروع ٿي وئي. گولين جو پهريون شڪار ٿيا اهي ماڻهو جي جلدي جلدي ۾ اونڌيون ٿيل موٽرن، وڻن جي ٽڙن، فرنيچر ۽ وڏين پائيپن سان رستي تي رڪاوٽون ڪڙيون ڪري رهيا هئا.

شيخ مجيب کي ٽيليفون تي چتاءُ ڏنو ويو ته ڪجھ ٽيڻ وارو آهي. پر هن پنهنجو گهر ڇڏڻ کان نابري واري. هن جواب ڏنو ته ”جيڪڏهن مان لڪي ويندس ته مون کي ڳولڻ لاءِ سجو ڍاڪا جو شهر ساڙي ڇڏيندا.“

Gul Hayat Institute

## ٻه سؤ شاگرد ماريا ويا

شاگردن کي ٻه خبردار ڪيو ويو ته فوج اچي پيئي. پر ٻچيل شاگردن مان ڪن ٻڌايو ته هنن سمجهو ته وڌ ۾ وڌ ڪٽي هنن کي گرفتار ڪيو ويندو.

فوج جو هڪڙو دستو، آمريڪا جي ڏنل ايم - 24، بي مهاڀاري لڙائيءَ وارين ٽئنڪن جي اڳواٽي ۾، اڌ رات ڌاري، سڌو ڍاڪا يونيورسٽيءَ تي چڙهائي ڪري آيو. هن فوج برٽش ڪائونسل لئبرريءَ جي عمارت تي قبضو ڪيو، ۽ ان کي مورچو بنائي، اتان هاسٽل کي نشانو بنايو.

هن اوچتي حملي ڪري، اقبال هال ۾ سمهيل ٻه سؤ شاگرد ننڊ ۾ ئي اجل جو شڪار ٿي ويا. بم گولا عمارت جا ٽڪرا ٽڪرا ڪندا رهيا ۽ مشين گنون درن، شيشن ۽ شاگردن جا سينا چيرينديون رهيون. هن هاسٽل ۾ فوجي تنظيم وارا ۽ حڪومت جي مخالف يونين وارا شاگرد رهندا هئا.

ٻه ڏينهن پوءِ پڻ، پسم ٿيل ڪمرن ۾ سڙيل شاگردن جا لاش دُکي رهيا هئا، ٻيا لاشا ٻاهر ٽڙيل پکڙيل هئا ۽ ڪيترائي پاسي واري ڍنڍ ۾ تري رهيا هئا. هڪ آرٽس جو شاگرد پنهنجي کٽ تي ٽنگون ٽڙيل حالت ۾ مئو پيو هو.

ست استاد پنهنجن ڪوارٽرن ۾ ختم ٿي ويا، ۽ هڪ ٻارهن پاتين جو ڪٽنب، جنهن نوڪرن جي ڪوارٽر ۾ وڃي پناهه ورتي هئي تنهن کي گوليون هڻي پورو ڪيو ويو.

فوج گچ لاشا اتان ڪٺائي ويئي هئي. اتي فقط ٽيهه لاشا موجود هئا، پر رت جا تلاءَ ڏسي، ماڻهو سمجهي ٿي سگهيو ته ايترو رت رڳو ٽيهن لاشن مان نه وهيو آهي.

ٻي هاسٽل ۾، شاگردن جي لاشن کي ٽڪر ۾ ڪوٺيل گهڻ لاشي قبر ۾ پوريو ويو ۽ ان مٿان ٽئنڪون هلائي ميدان ڪيو ويو.

يونيورسٽيءَ جي آسپاس رهندڙ ماڻهو پڻ گولن ۽ گولين جو ٻَڪُ بڻيا. ۽ ريلوي لائين سان لاڳو پونگيون پسم ۽ جهُڳا جهڻ ڪيا ويا.

فوجي پهريدارن پاسي واري مارڪيٽ ايراضيءَ کي تباهه ڪري ڇڏيو. دڪانن جي مالڪن کي ننڊ ۾ ئي ماريو ويو. ٻه ڏينهن پوءِ، جڏهن ماڻهو ان ايراضيءَ ۾ وڃي سگهيا، تڏهن ڏٺو ويو ته ڪيترا دڪاندار ائين پيا هئا ڄڻ ته ننڊ ۾ آهن، ۽ هنن جي مٿان ڪتا ڍڪيل آهن.

شهر جي ساڳئي حصي ۾، ڍاڪا ميڊيڪل ڪاليج تي ٽئنڪ مار توبن سان حملو ڪيو ويو، جنهنڪري هڪڙي مسجد به بري طرح ڀَڃي ڀري پيئي.

Gul Hayat Institute

## پوليس هيڊ ڪوارٽر تي هلان

جنهن وقت يونيورسٽيءَ تي حملو ٿي رهيو هو، ان وقت لشڪر جا ڪي دستا، شهر جي ٻئيءَ پر، اوير پاڪستان جي پوليس جي راجا باغ واري هيڊ ڪوارٽر تي چڙهائي ويا.

پهرين ٽئنڪن گوليون وسايون، ۽ پوءِ فوج اڳتي وڌي، آتشي گولا اڇلي، ماڻهن جي رهڻ وارين جاين کي زمين دوز ڪيو.

سامهون رهندڙ پاڙي وارا به اهو ڪونه ٻڌائي سگهيا ته ڪيترن انسانن جو خون ٿيو، پر عام رايو اهوئي هو ته اتي رهندڙ ٻارهن سؤ پوليس جي ماڻهن مان شايد ئي ڪو قسمت سان بچي نڪتو هجي.

ساڳئي وقت، لشڪر جا ٻيا جٿا، شيخ جي گهر کي گهيرو ڪري ويا. رات جي هڪ بجي کان ٿورو اڳ هن ڪنهن پڇندڙ کي ٻڌايو ته ”مون تي ڪنهن به وقت چڙهائي ٿئي. ان ڪري مون پنهنجو سڄو خاندان ۽ ٻيا، ڪنهن ٻي محفوظ جڳهه ڏي موڪلي ڇڏيا آهن، فقط نوڪر ۽ پهريدار ساڻ آهن.“

پوءِ شيخ جي هڪ پاڙيسريءَ کان معلوم ٿيو ته هڪ لڳي ڏهين منٽين هڪ ٽئنڪ، جيپ، ۽ سپاهين جون پريل ڪيتريون ئي ٽرڪون، شيخ جي گهر مٿان هوائي فير ڪنديون اچي سهڙيون.

گهر جي ٻاهران هڪڙي فوجي عملدار زور سان رڙ ڪري چيو ”شيخ توکي اچڻ گهرجي.“

شيخ هڪدم ٻاهر نڪري وراڻيو ”هائو، مان تيار آهيان. توهان کي گولين چوڙڻ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي. مون کي ٽيليفون ڪريو ها ته به هليو اچان ها.“

پوءِ اهو عملدار، شيخ صاحب جي باغيچي ۾ گهڙي ويو ۽ هن کي چيائين ”توکي گرفتار ڪيو ٿو وڃي.“

پوءِ هن کي سندس نوڪرن ۽ نگهبانن سميت وٺي ويا. هڪڙي نگهبان، ان فوجي آفيسر سان ڪجهه کهرو ڳالهايو ته هن کي بري طرح ماريو ويو.

## ڪاغذ پٽ ڪٽي وڃڻ

Gul Hayat Institute

جئن ئي شيخ صاحب کي، شايد فوجي هيڊ ڪوارٽر ڏانهن، نيو ويو، ته فورن پنيان سپاهي هن جي گهر ۾ ڪاهي پيا، ۽ سڀ ڪاغذ پٽ هٿ ڪري ڪٽي ويا، گهر جي هر شيءِ کي پرزا پرزا ڪيائون، باغيچي جي در کي تالو هنيائون، ۽ آزاد بنگلاديش جي سائي، ڳاڙهي ۽ پيلي جهنڊي کي گوليون هڻي ڪيرايائون، ۽ پوءِ هليا ويا.

26 تاريخ صبح جو ٻين بجي، شهر ۾ هرهنڌ ٻاهيون ئي ٻاهيون نظر اچي رهيون هيون. فوج، يونيورسٽي ۽ ان جي آسپاس واري ايراضيءَ تي قبضو ڪري

چڪي هئي، ۽ هينئر باقي بچيل شاگردن کي ڳولي ڳولي بندوقون هڻي ماري رهي هئي. ساڳئي وقت آزاد بنگلاديش جا جهنڊا لاهي، انهن جي جاءِ تي پاڪستان جا جهنڊا چاڙهي رهي هئي.

اجا بہ ڪن هنڌن تي زبردست گولاباري ٿي رهي هئي، پر هونءَ ظاهري طرح لڙائيءَ جو زور گهٽ ٿيندو ٿي ويو. انٽرڪانٽينينٽل هوٽل جي سامهون ڍاڪا جي اخبار پيپل (People) جي خالي آفيس ۽ پر وارن گهرن کي ناس ڪرڻ ۾ فوج مصروف هئي. اتي موجود هڪ اڪيلي چوڪيدار کي گولين سان ماريو ويو.

پرهہ ڦٽيءَ ڪان ٿورو اڳ گوليبازي گهٽي قدر ختم ٿي ويئي، ۽ جڏهن ئي سج ڪني ڪڍي، تڏهن شهر تي هو عجيب ڀيڄاريندڙ ماٺ ڇانئجي ويئي. فقط ڪانون جي ڪان ڪان ۽ وقتي سپاهين جي ٽولن جي لنگهڻ ڪري بوٽن جو آواز.

پر ڦهر اجا پوءِ ٿيڻو هو. منجهند جو، بنا ڪنهن چتاءَ جي، فوج جا دستا، پراڻي شهر جي وروڪڙ ڪائيندڙ گهٽين طرف وڌڻ لڳا. هن ٽڪري ۾ ڏهہ لک کن ماڻهو رهن ٿا ۽ جي شيخ صاحب جا پڪا پوئلڳ آهن. پوءِ لاڳيتو يارهن ڪلاڪ هن آباديءَ کي نيست ۽ نابود ڪرڻ لاءِ ڪاروائي ڪئي ويئي.

انگريزي روڊ، فرينچ روڊ، نيار بزار، سٽي بزار . . . . بي معنیٰ نالا، پر هزارين انسانن جو اجهو . . . . تن کي باهيون ڏيئي ڀسم ڪيو ويو.

فرينچ روڊ، نيار بزار واري ايراضيءَ ۾ رهندڙ هڪڙي ٻڍڙي ٻڌايو "اوچتو ئي اوچتو سپاهي گهٽيءَ ۾ ظاهر ٿيا ۽ هڪدم هڙني گهرن کي باهيون ڏيندا ساڙيندا ويا."

سپاهين جي پهرين جٿي پنيان، ٻئي جٿي جي هٿن ۾ پيٽرول جا دٻا هئا. جن ماڻهن ڀڄڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي تن کي گوليون هڻي ماريو ٿي ويو، جيڪي بيٺا ٿي رهيا تن کي جيئري جلايو ٿي ويو. ٻن ڪلاڪن اندر اٽڪل ست سؤ مرد، عورتون ۽ ٻار ماريا ويا.

ساڳي ڪار، ٽن ٻين پاڙن سان پڻ ڪئي ويئي. هرهڪ جي ايراضي اڌ چورس ميل کن هئي.

سپاهي مئل ماڻهن جي لاشن سان ٽرڪون ڀري، وري اڳتي ٻيو حملو ڪرڻ لاءِ ٿي وڌيا. پراڻي شهر جي پوليس چونڪين تي بہ چڙهائي ڪئي ويئي.

Gul Hayat Institute

هڪڙو پوليس انسپيڪٽر، جو هنن ڊنل ۽ سڙيل گهٽين ۾ وائڙن وانگر پئي گهميو، تنهن چيو ”منهنجي حد ۾ 240 پوليس وارا آهن، پر هن مهل تائين مان رڳو ٿيهه ڳولي سگهيو آهيان . . . . پر ٿيهه ئي مئل.“

هن ساري ڪاروائيءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪوس، ڍاڪا جي پراڻي شهر جي هندو پاڙي ۾ ٿيو. اتي هندن کي گهرن مان سڏي هڪ هنڌ گڏ ڪري هجوم جي هجوم کي گولين جو نشانو بنايو ويو. پڇاڙيءَ ۾ هن ايراضيءَ کي بہ باهيون ڏيئي زمين دوز ڪيو ويو.

فوج 26 تاريخ تي رات جو يارهين بجي تائين، بينگالي چغلن کي ساڻ ڪري، هتي پراڻي شهر ۾ هلندي رهي.

چغل، ڪٽر بينگاليءَ جي گهر طرف اشارو ٿي ڪيو، ۽ سپاهين ٽئنڪن، بمن، گولين ۽ پيٽرول سان ان گهر کي رهندڙن سميت ناس تي ڪري ڇڏيو.

فوج جا بيا جٿا، صنعتي علائقن، ٽونگي ۽ نارائڻ گنج ڏانهن ويا. اتي بہ شيخ صاحب جا ساٿي هئا. هتي آرتوار جي فجر تائين حملا جاري رهيا. شهر ۾ 26 مارچ جي شام تائين ڪاروائي پوري ٿي چڪي هئي.

پڇاڙيءَ وارن حملن ۾ بينگالي زبان جي اخبار ”اتفاق“ بہ نشانو هئي. لڙائي ٽيڻ کان پوءِ چئن سون کان وڌيڪ ماڻهن، هن عمارت ۾ اچي پناهہ ورتي هئي. 26 تاريخ بنپهرن جو باهر رستي تي ٽئنڪون ظاهر ٿيون. سادي چئين بجي اتفاق اخبار جي پوري عمارت باهہ جو ڪورو بنجي چڪي هئي. ڇنڇر ڏينهن صبح تائين فقط سڙيل ۽ چچريل لاش وڃي بچيا هئا. فوج جئن اوچتو هتي آئي هئي، تئن ئي اوچتو هتان هلي ويئي. ڇنڇر ڏينهن صبح جو، ريڊئي تي اعلان ڪيو ويو تہ: ستين بجي کان چئين بجي شام تائين ڪرفيو هٽايو ويندو. ان کان پوءِ هنن قاعدن جي ياد ڏياري ويئي تہ سياسي سرگرمي بند آهي، پريس تي پابندي آهي، سرڪاري ملازمن کي آفيس ۾ حاضر ٿيڻو آهي، ۽ هٿيار جمع ڪرائڻا آهن.

Gul Hayat Institute

## هزارن جي ياچ

جڻ تہ جادوءَ جي زور تي شهر ۾ ساهہ پئجي ويو. ماڻهو بيحد هراسيل هئا. ڏهين بجي، جنهن وقت اجا پراڻي شهر ۽ صنعتي علائقن مٿان دونهين جا ڪڪر پکڙجي رهيا هئا، ان وقت رستا ۽ گهٽيون شهر ڇڏي ويندڙن سان پرجي ويون.

موٽرن ۾، رڪشائن ۾، گهڻا پيدل، پنهنجو سامان مٿي تي کنيو، ڍاڪا جو شهر ڇڏي وڃي رهيا هئا. منجهند ڌاري هزارين لکين ماڻهن جا قافلا پاڇ ۾ نظر اچي رهيا هئا.

رستي تي ڪيئي صدائون ٻڌڻ ۾ ٿي آيون:

"سائين مان پيرسن ماڻهو آهيان، مون کي سواريءَ ۾ کنيو هلو."

"خدا جي واسطي منهنجي مدد ڪريو."

"منهنجا ٻار کنيو هلو."

جو ڪجهه فوج ڪيو هو، سو هُو خاموشي ۽ گنڀيرائي سان ڏسندا ٿي هليا. مڪمل، ذري پرزي ۽ سوچيل سمجهيل سازش هيٺ تباهي ڪئي ويئي هئي. هنن اهو ڏنو ٿي ۽ منهن ڦيري ٿي ڇڏيو.

هڪ بزار جي پرسان، اوچتو ڌماڪو ٻڌي، ٻه هزار کن ماڻهو بي تحاشا هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. پوءِ پتو پيو ته اهو آواز ڪنهن کان اتفاقي بندوق ڇٽڻ ڪري ٿيو هو.

سرڪاري آفيسون ذري گهٽ خالي رهيون. ڳچ ملازم پنهنجي پنهنجي ڳوٺن ڏانهن وڃي رهيا هئا. جيڪي پڳا نه ٿي، سي وائڙن وانگر، انهن دونهين وارن رک جي ڍيرن جي چوڌاري ڦري رهيا هئا جتي سندن گهر هو. هو لوھ جون مڙيل چپريون، جن سان سندن گهر جي ڇت جڙيل هئي، سي مٿي ڪٽي گهر جون ڪي رهيل سهيل شيون ڳولڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هئا.

لنگهندڙ موٽرن ۾ گهڻو ڪري ريڊ ڪراس وارن جون گاڏيون هيون جي مئلن ۽ ڦٽيلن کي اسپتال ڏي ڪڍي وڃي رهيون هيون.

انهيءَ دوران، اوچتو ئي اوچتو، ڪو پيدل سپاهي ظاهر ٿي ٿيو، ۽ سخت چهري سان، هجوم ڏانهن بندوق تاڻي بيهي ٿي رهيو.

جمعي جي شام جو، جڏهن سپاهي واپس پنهنجي ڇانوڻي ۾ پهتا، تڏهن نعرا هنيائون "الله اڪبر!"

ڇنڇر جي ڏينهن هو وري "پاڪستان زنده باد!" جا نعرا هڻندا نڪتا. ماڻهن ان مان اشارو ورتو، ۽ وري ڪرفيو شروع ٿيڻ کان اڳ، پيٽرول کان پوءِ، گهٽي ۾ گهٽو وڪرو "پاڪستاني جهنڊن" جو ٿيو. پنهنجي ملڪيت بچائڻ جي آسري ۾ ويچارا بينگالي گهر ڇڏڻ کان پوءِ ان تي پاڪستاني جهنڊو چاڙهي ٿي ويا.

Gul Hayat Institute

چئين بجي شام جو گهٽيون وري ويران ٿي ويون، فوج ظاهر ٿي ۽ ڍاڪا تي خاموشي ڇانئجي ويئي.

پر هڪدم وري گوليبازي شروع ٿي ويئي. ريڊيو اعلان ڪيو هو ته ”ڪوبه چئين بجي کان پوءِ ٻاهر نڪتو ته هن کي شوٽ ڪيو ويندو.“

هڪ ننڍو ٻار، جو انٽرڪانٽينينٽل هوٽل جي سامهون هڪڙي گهٽي پار ڪندو پڄندو ٿي ويو، تنهن کي سپاهين جهلي چار چماٽون هڻي، جيپ ۾ چاڙهي الائي ڪيڏانهن وٺي ويا.

ڪوڪا ڪلب جو بدنصيب چوڪيدار جڏهن ڪلب جو ٻاهريون دروازو بند ڪرڻ ويو ته هن تي گوليون ڇوڙي هن کي ختم ڪيو ويو.

ريس ڪورس واري ٽڪاٽي جي چوڏاري وينل هندن کي به ماريو ويو، جنهن لاءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪو ظاهري سبب نظر نه ٿي آيو ته هو کليل ميدان ۾ وينا هئا.

جيڪي ماڻهو شهر ڇڏي، ٻهراڙيءَ ۾ پناهه وٺڻ ويا هئا، انهن مان گهڻ واپس موٽي آيا، ڇو ته فوج ٻاهر ويندڙ رستا بند ڪري ڇڏيا هئا. انهن ٻڌايو ته انهن مان ڪيترن کي شوٽ ڪري ماريو ويو. ٻهراڙي ۾ ڪيتري خلق خون ڪئي ٿي ويئي سا خبر هڪڙي خدا کي ۽ ٻي فوج کي.

ڪي ماڻهو لڪي ڇپي، پٽڻ تي پهتا، پر اتي انديشو هو ته متان ڪرفيو چالو ٿيڻ کان اڳ ڪا ٻيڙي نه ملي ۽ ماڻهو ڦاسي پوي. ماڻهن جو هڪ ٽولو، جو ڇنڇر جي شام جو، ٻيڙيءَ جي آسري ۾ پتڻ تي وينو هو، ٻئي ڏينهن ان هنڌ تي رڳو رت جا ڍُٻا ڏسڻ ۾ آيا.

## راڄ ڊوهيءَ جو الزام

ڍاڪا ۾، يا پرڳڻي ۾ ڪنهن به هنڌ تي منظم جوابي حملي جا اهڃاڻ ڪونه هئا. حقيقت ۾ اولهه پاڪستاني فوجي آفيسر پاڻ ۾ مذاق ڪندا هئا ته هي بزدل ۽ ڦلهڙا اسان جو ڇا مقابلو ڪندا.

هڪڙي پنجابي عملدار چيو ”هي ڇا به ڪن، اسان جو وار به ونگو ڪري ڪين سگهندا.“

ٻئي چيو ”هاڻي حالتون بهتر آهن. هنن مان ڪوبه نه ڪجهه ڳالهائي سگهي ٿو ۽ نه ڪجهه ڪري سگهي ٿو. جي ڪجهه ڪندا، ته اسان هڪدم هنن کي ٻيءَ دنيا

Gul Hayat Institute

۾ پهچائي ڇڏيناسين. هو غدار آهن، اسين نہ آهيون، اسان خدا ۽ متحد پاڪستان جي نالي ۾ لڙي رهيا آهيون.“

ظاهري طرح فوجي ڪاروائي، جا اولهہ پاڪستاني فوجي گورنر، جنرل ٽڪا خان جي رهبريءَ هيٺ ڪئي ويئي سا بغاوت کي پوري طرح ڪچلڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪي آهي. رڳو هندستان جي حڪومت جو پرچار ۽ ڍاڪا ٻاهران نامعلوم هنڌ تي شروع ڪيل ”بنگلاديش ريڊيو“ ان بغاوت کي زندهہ رکيو ويٺا آهن.

بينگالين جيڪو جمهوريت جو خواب ڏٺو، ان جو پورو نہ ٿيڻ تہ هو وساري ٿا سگهن، مگر گذريل هفتي جي هيبتناڪ ڪوسَ ٿيا، تن کي گهٽ ۾ گهٽ موجوده نسل تہ وساري ڪين سگهندو.

شيخ مجيب جي رهيل تحريڪ وارن کي، فوج سان ٻيهر ٽڪر کائڻ کان اڳ چڱيءَ طرح سوچڻو پوندو. فوج سان مهاڏو اٽڪائڻ سولو ناهي، ٻئي طرف صدر يحيا جي انهن واعدن تي ڀروسو ڪرڻ بيسود آهي تہ هو ڪو حڪومت چونڊيل عيوضين جي حوالي ڪندو، خواهہ هو آزاد ۽ ٻي ريا چوندڻ ۾ چونڊجي آيا هجن.

❖

# ٽئنڪن ڪيئن شهر تباهہ ڪيو!

(نيويارڪ پوسٽ، 30 مارچ 1971ع)

Gul Hayat Institute

ليکڪ: مچل لارينٽ

جنهن ڏينهن پاڪستاني فوج، بينگالي آزاديءَ جي هلچل ڪچلڻ لاءِ ڪاهہ ڪئي، ان ڏينهن ائسوسيئيٽيڊ پريس فوٽوگرافر مچل لارينٽ، اوير پاڪستان جي گاديءَ جي هنڌ، ڍاڪا ۾ هو. اخبار نويسن کي پنهنجي هوٽل ۾ نظربند ڪيو ويو. پر لارينٽ کسڪي ويو ۽ چنجر تي ٻين اخبار نويسن سان گڏ ملڪ ڇڏڻ کان اڳ، شهر جون برباد ٿيل ايراضيون وڃي ڏٺائين.

# رپورٽ

ڍاڪا، اوڀر پاڪستان (اي ـ پي): اوچتوئي اوچتو بناڪنهن اڳوات چتاءَ جي، پاڪستاني لشڪر، بينگالي آزاديءَ جي هلچل تي حملو ڪيو. فوج جي آمريڪن ايم ـ 24 ٽئنڪن، توبخاني ۽ پيدل لشڪر، اوڀر پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي شهر تي چڙهائي ڪري، ان جا وڏا حصا تباهه ڪري ڇڏيا.

هنن جا مکيه نشانا هئا: ڳتيل آباديءَ وارو پراڻو شهر جتي شيخ مجيب رحمان ۽ عوامي ليگ جو تمام گهڻو زور هو، ۽ شهر جي آسپاس وارا صنعتي علائقا جن ۾ پنڌرهن لک کن ماڻهو آهن.

شايد، رڳو هن شهر ۾ ئي اٽڪل ست هزار ماڻهو ڪُنا ويا. حملو خميس جي شام جو شروع ٿيو. جمعي ۽ ڇنڇر تي لڙائيءَ وارا هنڌ گهمندي، ڪيترن شاگردن جا سڙيل لاش هاسٽل ۾، پنهنجي ڪٽن ۾ پيل ڏسڻ ۾ ٿي آيا. ٽئنڪن سڌو سنئون سمهيل شاگردن کي پنهنجو نشانو بنايو هو.

جڳن ناٿ ڪاليج ۾، گهڻ لاشي قبر تڪڙ ۾ پري ويئي. اقبال هال ۾ ٻه سؤ شاگردن جي مارجڻ جو اطلاع آهي. ٽيهه لاش اڃا به ميدان ۽ ڪمرن ۾ پيا هئا.

فوج، ميڊيڪل ڪاليج اسپتال تي ٽئنڪ مار توبن سان حملو ڪيو. اتي گهڻا انسان اجل جو شڪار ٿيا سا خبر پئجي ڪانه سگهي.

هزارين شهري، جو ڪجهه سامان ڪلهن تي کڻي ٿي سگهيا، سو کڻي، شهر ڇڏي ڀڄي ويا. ڪي ماڻهو ڪپڙن ۽ ڪاڌي جون هٽ گاڏيون ڪاهي وڃي رهيا هئا. فوجي حڪومت جي سخت حڪمن جي باوجود، آفيسن ۾ تمام ٿورا ملازم حاضر رهيا.

Gul Hayat Institute

❖

# پاڪستان: ڳجهن ۾ رولو ڪتا

(نيوزويڪ، 26 اپريل 1971ع)

گهرو لڙائي، جا حيوانيت ڪري اول ئي دنيا جو ڌيان ڇڪائي چڪي آهي، ان جي موتمار حملن جي خصوصيت هئي درندگي. ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ بندرگاهہ چٽاگانگ شهر ۾ سپاهين پڪڙيل بينگالين کي ٽرڪ تي چاڙهي حڪم ڏنو تہ هو ”جئہ بنگلا“ جو نعرو هڻندا هلن. هي بينگالين جو پنهنجو آزاديءَ جو نعرو آهي. هي نعرو ٻڌي، بينگالين تي سمجهيو تہ هي اسان جا پنهنجا ساٿي آهن. ان ڪري هو پنهنجي لڪل جڳهين مان نڪري ٻاهر ٿي آيا پوءِ پاڪستاني سپاهين انهن انبوهن مٿان مشين گنون ٿي هلايون.

سلهٽ ۽ ڪوميلا شهرن ۾، اولهہ پاڪستاني بارود، قومي اڳواڻ شيخ مجيب رحمان جي پوئلڳن کي موت جي واديءَ ۾ ٿي پهچايو. انهن جي دفن ڪفن جي بہ پرواهہ نہ ڪئي وئي. پوءِ انهن هارين جي لاشن کي رولو ڪتا ۽ ڳجهون چيريندا، ڦاڙيندا ۽ ڪائيندا رهيا.

❖

# اوڀر پاڪستان: ڳجهن جي ڳاهٽ جو علائقو

Gul Hayat Institute

(نيويارڪ ٽائيمس، 16 مئي 1971ع)

ڍڪا: ”هتي ڳجهن جهڙي خوش ڪا بي مخلوق ناهي.“ هڪڙي پريشان حال ڳوناٽي چيو. هو ملڪ جي اوڀر واري حصي مٿان، هڪ ٻئي پنيان ايندڙ آفتن جو ذڪر ڪري رهيو هو.

اوڀر پاڪستان اهو ديس آهي، جو گنگا ندي ۽ ان جي سوين شاخن مان سيراب ٿي، سڄي ۽ سارين جي ٻنين سان سرسبز، سائو ۽ شاداب رهندو آهي ۽ بيحد لذيذ ميوا پيدا ڪندو آهي.

مگر گذريل سال ان ديس مٿان ڪيئي آفتون آيون آهن. پهرين تباهه ڪُن ٻوڏ آئي. پوءِ موتمار سامونڊي طوفان آيو جنهن پنج لک حياتيون هڙپ ڪيون. ان کان پوءِ ٿي گهرو لڙائي، جنهن ۾ تمام وڏي پيماني تي انسانن جو عام ڪوس ٿيو. ڪن پرڏيهي نمائندن جو اهو تخمينو ته ان ڪوس ۾ پنج لک بينگالي ڪُنا ويا، شايد وڌاءُ نه هجي. مئلن جو پورو تعداد معلوم ٿيڻ مشڪل آهي، ڇو ته لاشن جا ڍيرن جا ڍير، ڳٽڻ کان سواءِ، ندين ۽ نهرن ۾ لوڙهيا ٿي ويا.

غيرملڪي ماهرن جو رايو آهي ته ڪوس ۽ تباهيءَ کان پوءِ ڏڪار ۽ وبا هاڻي هن ملڪ تي مارو ڪندا.

اهڙي وار ڪانداريندڙ انساني تباهيءَ کان پوءِ پڻ، وڌندڙ آدمشماري ۽ گهٽجندڙ پيداوار جي راڪاس جو خطرو هنن جي سر مٿان سوار آهي. آدمشماريءَ جي موجوده واڌ جي رفتار مطابق، سامونڊي طوفان ۾ مئل ماڻهن جيترا انسان فقط 83 ڏينهن ۾ پيدا ٿي چڪا. انهن مڙني آپدائن ۾، گهرو لڙائي، تاريخ جو المناڪ ترين باب آهي.

ان وقت، اٽڪل چاليهه پرڏيهي اخبار نويس، ڍاڪا ۾ موجود هئا. پاڪستاني لشڪر، جنهن ۾ گهڻو ڪري اولهه پاڪستان جا پنجابي آهن، تنهن جي ڀرپور ۽ دهشت انگيز حملي، بيوس بينگالين کي هيسائي ڇڏيو آهي.

هي اخبار نويس، هڪ هزار ميل پري، اولهه پاڪستان جي اسلام آباد ۾ وينل حڪومت کان وڌيڪ گهڻو ڪجهه ڏسي رهيا هئا. پوءِ انهن اخبار نويسن کان ليک ۽ تصويرون ڦري ۽ ڦاڙي يا ضبط ڪري، هنن کي اوڀر بينگال مان نيڪالي ڏني ويئي.

Gul Hayat Institute

ان ڏينهن کان پوءِ، ڪيترائي اخبارن جا عيوضي، لکي ڇپي، سرحد ٽپي، متاثر علائقن ۾ پئي پهتا آهن. هنن ان لشڪر جا ڪارناما قلمبند ڪيا آهن، جنهن جي اوڀر پاڪستان ۾ هينئر حيثيت هڪ غيرملڪي والاريندڙ فوج جي آهي.

گذريل هفتي، حڪومت، ڇهن پرڏيهي اخبار نويسن کي پرڳڻي جي اوڀر واري حصي ۾ وڃڻ جي موڪل ڏني. انهن ۾ هيءُ ليکڪ ۽ چين جو به هڪ نمائندو شامل هئا.

فساد ان وقت شروع ٿيا، جڏهن بينگالين خودمختياري گهري ۽ پاڪستان جي حڪومت اها گهر قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. هاڻي اهو ٻڌائڻ ناممڪن آهي ته انهن فسادن ۾ عورتن ۽ ٻارن کي پهرين ڪنهن ذبح ڪرڻ شروع ڪيو؟

انهيءَ ۾ برابر شڪ ناهي ته ڪن انتهاپسند ٽولين کي ڏاڍايون ڪيون. اهڙيون ڏاڍايون ڪن بينگالي مزورن طرفان ٿيون. هنن فقط پنهنجي دڪان جي مالڪن يا ڪارخاني جي ڪامورن، جن سان هنن جو ذاتي ضد هو، تن کي ماريو. اهي دڪانن ۽ ڪارخانن جا مالڪ ۽ ڪامورا گهڻو ڪري لڏي آيل بهاري مسلمان هئا. بينگالين کي شڪايت آهي ته هنن جي پيٽ ۾، ۽ هنن کي نظرانداز ڪري ٻاهران آيل بهارين سان پاسخاطري ڪري هنن کي ترقيءَ جا وڏيڪ موقعا ڏنا ويا آهن.

ٻئي پاسي پاڪستاني فوج ان ڳالھ کان انڪار ٿي ڪري ته اوير پاڪستان تي حملي ڪرڻ وقت هنن اندا ڌند گوليون ڇوڙيون. پر وارداتن جي جڳهين جي چڪاس ۽ سوين ماڻهن جون شاهديون هنن جي ان انڪار کي ڪوڙو ثابت ڪن ٿيون. صاف ظاهر آهي ته هن لشڪر ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ شهرن ۾ سڄي جا سڄا پاڙا ٻاهيون ڏيئي ڀسم ۽ تباھ ڪري ڇڏيا. ائين ڪرڻ لاءِ هنن جو ڪنهن کي ڪنهن دريءَ مان جهاتي پائڻ ئي ڪافي ڪارڻ هو.

سپاهي ڍاڪا جي پراڻي شهر ۾ جايون ڍاهيندا، زمين دوز ڪندا ويا ۽ يونيورسٽيءَ جي پروفيسرن ۽ هنن جي ڪٽنبن کي ڳولي ڳولي بيدرديءَ سان قتل ڪندا رهيا.

هڪ ٻي هٿيار اٿليءَ جي پادريءَ کي ان وقت سپاهين گوليون هڻي ماريو جڏهن هو هڪ اسپتال مان نڪري رهيو هو. هن جا ٻئي هٿ مٿي هوا ۾ ڪنيل هئا ۽ هن جي ڇاتيءَ تي ريڊ ڪراس جو ڳاڙهو نشان چمڪي رهيو هو.

Gul Hayat Institute

اولھ پاڪستاني لشڪر جي نظر ۾ هندن جو جيڪو به مندر يا ٽڪاڻو ٿي آيو ته ان کي ڍاهي زمين دوز ٿي ڪيو ويو ۽ ان جي آسپاس وارين جاين کي به سلامت نه ٿي ڇڏيو ويو. هندو پاڪستان جي هڪ ٽورائيءَ واري قوم آهن، ۽ هنن ۾ سدائين هندستان جا ايجنٽ ۽ جاسوس هجڻ جو گمان ڪيو ويندو آهي.

صفائيءَ جو ڪم تڏهن کان جاري آهي. ڪريل جاين جا ڍير ڪنيا ويا آهن. ٻاغين جون رستن تي ڪڙيون ڪيل رڪاوٽون هٽايون ويون آهن. گيس، بجلي ۽ ٽيليفون جي لائينن ڪم ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ڪي ڍڪڻ ۽ نالن جون تختيون

لکنڊڙ پينٽر، بزارن جي ڪنڊن ۾ ڪم ڪندا نظر اچن ٿا. ڪن متارين ڳچهن کي شوٽ ڪيو ويو آهي.

پر پوري پرڳڻي ۾ روزمره جو ڪاروبار اجا ڊانوا ڊول آهي. گهٽ ۾ گهٽ اٺ مڪيہ پُليون، بمن ۽ بارود سان تباهہ ڪيون ويون آهن. انهن مان هڪ چٽاگانگ بندر تائين پهچڻ لاءِ هڪ ئي اچ وڃ جو ذريعو هئي. ليفٽيننٽ جنرل ٽڪا خان، جو هن علائقي ولاريندڙ فوج جو ڪمانڊر ۽ ملٽري گورنر آهي، تنهن جي چوڻ موجب هن پل کي وري اڏڻ ۾ سال کان گهٽ عرصو ڪين لڳندو.

ڪارخانن ۾ آفيسن جو ڪم، بندرگاهن ۽ شهرن ۾ ڪاروبار، رواجي حالتن جي حد جو ويهہ سيڪڙو وڃي رهيو آهي.

ڪجهہ ماڻهو ڀهراڙيءَ جي ٻنين ۾ وڃي لڳا آهن. هن مهل تائين ويهہ لک بنگالي جهنگل ۽ نديون اُڪري وڃي هندستان ۾ پناهگير ٿيا آهن.

هڪڙي پاڪستاني دانشور چيو ”اوير پاڪستان هميشہ لاءِ ختم ٿي چڪو. ان ۾ ايترو سَتُ ڪونهي جو آزاد ۽ خودمختيار رياست جي حيثيت ۾ جِي سگهي. جي اولهہ پاڪستان جي بينڪ ٿي رهيو تہ بہ ختم سمجهو. هاڻي هي حصو اولهہ لاءِ معاشي، فوجي ۽ پنگتي بوجو بنجي پوندو. انهيءَ هوندي بہ اسين اوير پاڪستان تان هٿ ڪڻي نٿا سگهون چو تہ اسان جا ان سان قومي ۽ مذهبي ڳانڍاپا آهن. اهائي اسان جي مجبوري ۽ اهوئي اسان جو مسئلو آهي.“

(ليکڪ: مالڪوم برائون)

Gul Hayat Institute

# قتل عام

## ائنٽوني مسڪارينهاس

(30 جون 1971ع جي سنڌي ٽائيمس ۾، هن اخبار جو خاطو، اها هيبتناڪ ڪارگذاري بيان ڪري ٿو، جنهن ڪري پنجاب لک ماڻهن ياج ڪاڏي.)

# عبدالباريءَ کان نياڳ ائين ڪرايو هو.

هزارين ٻين بينگالين وانگر هن به ساڳي غلطي ڪئي هئي، هڪ موتمار غلطي، ۽ اها هئي "پاڪستاني فوجي پهريدار جي سامهون ڊڪڻ".

هن جي عمر 24 سال هئي، ۽ تمام ڏٻرو هو. هن جي چوڌاري سپاهي ڦري بيٺا هئا. هو مرڻ جي خوف کان ڏڪي رهيو هو.

هن وقت مان پاڪستاني فوج جي نائين ڊويزن جي ميجر راٺوڙ جي جٿي سان گڏ هوس. هيءُ هنڌ هو مظفر گنج، جو ڪوميلا کان ڏهه ڪوهه ڏکڻ ۾ آهي. ميجر راٺوڙ، ڏند ٽيڙي چيو "هونءَ اسين هن کي ڊڪڻ وقت شوٽ ڪري ڇڏيون ها، پر رڳو تنهنجي محابي هن کي حالي حياتي بخش ڪئي اٿئون. ڏسجي ٿو ته تون اجا دل جو ڪچو آهين."

مون بي صبريءَ سان پڇيو "پر هن کي مارڻ لاءِ سبب ڪهڙو؟"

"چاڪاڻ ته هو هندو هوندو، يا بلوائي هوندو، يا شايد شاگرد يا ڪو عوامي ليگر. هنن کي پتو آهي ته اسين سندن پيڇو ڪري رهيا آهيون، ان ڪري هو پڇي پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪيو ٿا وجهن."

"پر ته هنن کي ماريو ڇو ٿا؟ ۽ خاص ڪري هندن کي ڇو ٿا نشانو بنايو؟" مون دهرايو.

راٺوڙ شوخيءَ مان وراڻيو "چا اهو ياد ڏيارڻ جي ضرورت آهي ته هنن ڪيئن پاڪستان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ هاڻي فوجي ڪاروائيءَ جي آڙ ۾ اسان کي هنن مان ڪسرون ڪيڻ ۽ هنن جو نسل ناس ڪرڻ لاءِ بهترين وجهُ مليو آهي." وري تڪڙو ٿي چيائين "پر اسين رڳو هندن کي ٿا ماريون. اسين سپاهي آهيون، باغين وانگر بزدل نه آهيون، جيڪي اسان جي عورتن ۽ ٻارن تي حملا ڪن ٿا."

Gul Hayat Institute

هي رت جا ڌٻا، جن اوپر بينگال جي سائي سرزمين کي رنگي ڇڏيو هو، تن جي حقيقت مون تي کُلڻ لڳي هئي. پهرين ٿيو بينگالين جي نفرت جي ٻرندڙ جبل جي ڦاٽڻ ڪري، غيربينگالين جو قتل. هاڻي هو اولهه پاڪستاني لشڪر طرفان، بينگالين جو سوچيل سمجهيل ۽ رٿيل عام ڪوس.

هن خونريزيءَ جو شڪار فقط اوپر بينگال جا هندو نه آهن، جي ساڍا ست ڪروڙ آباديءَ ۾ ڏهه سيڪڙو آهن، پر هزارين بينگالي مسلمان پڻ ماريا پيا وڃن.

هنن ۾ اچي وڃن ٿا ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا شاگرد ۽ پروفيسر، عوامي ليگ ۽ ٻين ڪاٻي ڌر وارين سياسي پارٽين جا ماڻهو، ۽ بينگالي فوج ۽ پوليس جا اهي هڪ لک ڇاهتر هزار سپاهي، جن 16 مارچ تي آزاد بنگلاديش بنائڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ حصو ورتو.

مون اپريل جي آخري ڏهن ڏينهن ۾ اوڀر بينگال ۾ جو ڪجھ ڏٺو ان تي اکين اعتبار نہ ڪيو ۽ جو ڪجھ ٻڌو انهن کي ڪنن ڪوڙو سمجهيو. پيانڪ حد تائين اهو ظاهر هو تہ اهي ڪارناما، ڪن فوجي ڪمانڊرن جا انفرادي ڪرتوت ڪونہ هئا.

اوڀر بينگال ۾ رڳو اولھ پاڪستاني سپاهي قاتل ڪونہ هئا. 25 مارچ جي رات جو (هي خبر پاڪستان سينسر ڇاپڻ جي اجازت ڏني هئي) اوڀر پاڪستان جي بينگالي فوجن ۽ نيم فوجي تنظيمن بلوو ڪري غيربينگالين کي بيدرديءَ سان ماريو.

ڪيترا هزار بدنصيب مسلمان ڪٽنب، جن مان گهڻا بهار جا پناهگير هئا، ۽ 1947ع وارن فسادن وقت هتي لڏي آيا هئا، تن کي ناس ۽ نابود ڪيو ويو. عورتن جي آبرو لٽي ويئي، يا هنن جا ٻُبا خاص نموني نهيل چاقن سان ڪپيا ويا. ٻار پڻ غصي ۽ غضب کان بچي ڪونہ سگهيا. خوش قسمت ٻار اهي چئبا جي پنهنجي مائٽن سان گڏ مارجي ويا. مگر انهن ٻارن جي حياتي وبال بنجي چڪي آهي، جن جون اکيون ڪڍيون ويون يا ڄنگهون ٻانهون ڪپيون ويون ۽ اجا جيئرا آهن.

چٽاگانگ، ڪلنا ۽ جيسور جهڙن وڏن شهرن مان غيربينگالين جا ويھ هزار کن لاش هٿ اچي چڪا آهن. مون اوڀر بينگال ۾ ڪيترن جي واتان ٻڌو تہ لک جي لڳ ڀڳ غيربينگالي ختم ٿي چڪا آهن.

پاڪستان جي حڪومت دنيا کي انهيءَ ڀهرين وحشانيت بابت تہ ٻڌايو آهي، پر ان دنيا کان اها ٻي وحشت لڪائي آهي جا پهرينءَ کان وڌيڪ خوفناڪ آهي ۽ جنهن جي شروعات ان وقت ٿي جڏهن حڪومت جي پنهنجي فوج قتل عام شروع ڪيو. اولھ پاڪستان جي عملدارن جو پنهنجو خانگي تخمينو اهو آهي تہ هن ڪاروائي ۾ ڪل اڍائي لک ماڻهو مارجي چڪا آهن.

هاڻي هن پرڳٽي کي پاڪستان کان خودمختيار ٿيندو ڏسي، جنرل يحيا خان جي فوجي حڪومت پنهنجو آخري قدم کنيو آهي.

Gul Hayat Institute

مون ڍاڪا ۽ ڪوميلا ۾ ڪيترن ئي فوجي ۽ شهري عملدارن کي ائين چوندي ٻڌو ته: ”اسان اهو پڪو پهه پچايو آهي ته اوڀر پاڪستان جي ڏار ٽيڻ جي سازشن کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏينداسين، پوءِ ان واسطي ڇو نه ڪٽي ويهه لک ماڻهو مارڻا پون ۽ هن پرڳڻي کي ٽيهن سالن لاءِ بينڪ بنائڻو پوي.“

اولهه پاڪستان جو لشڪر حرف بحرف ان تي عمل ڪري رهيو آهي.

اسين چاند پور کان، لهندڙ سج جي سامهون، تيز رفتاري سان موٽي رهيا هئاسين؛ ڇو ته اولهه پاڪستاني فوج، دورانديشي ڪري، منهن اونداهيءَ کان اڳ ئي وڃي محفوظ جاين ۾ ٽانيڪي ٽيندي آهي. اوچتو، گاڏي ۾ پنيان ويٺل سپاهيءَ رڙ ڪئي ”صاحب، هڪڙو ماڻهو ڀڄندو پيو وڃي!“

ميجر راٺوڙ هڪدم بريڪ لڳائي گاڏي بيهاري، چين جي نهيل هڪ گهڻ مار بندوق (مشين گن) تاڻي گاڏيءَ جي دروازي کي ٽيڪ ڏئي، تيار ٿي بيٺو. ٻه سؤ گزن تان، سارين جي گوڏي جيڏي فصل مان، هڪڙو ماڻهو ڀڄندو نظر اچي رهيو هو.

مون واڪو ڪري چيو ”متان شوٽ ڪرين، هو هٿين خالي آهي، ڪو ڳوٺاڻو آهي.“

راٺوڙ مون تي اڻ وڻندڙ نگاهه وڌي ۽ هوا ۾ فائر ڪيو.

جئن اهو همراهه جهڪي ساون ٻوٽن جي وچ ۾ ليٽي پيو تيئن ئي ٻه سپاهي وڃي مٿان پهتس، ۽ گهليندا وٺي آيس. سوال پڇڻ کان اڳ ۾ هن کي ڪلهن پنيان بندوق جي ڪنداڪ سان ٻه ٽي ڦهڪا ڪيا ويا.

”تون ڪير آهين؟“

”رحم صاحب، رحم. منهنجو نانءُ عبدالباري آهي. مان ڍاڪا جي نئين مارڪيٽ ۾ درزي آهيان.“

”مون سان ڪوڙ نه ڳالهاءِ. تون هندو آهين. تون ڀڳين ڇو ٿي؟“

”ڪرفيو جو وقت ويجهو آهي صاحب مان پنهنجي ڳوٺ ڏي ٿي ويس.“

”سچ ٻڌاءِ، ڀڳين ڇو ٿي؟“

هن جي جواب کان اڳ ۾ ئي هڪڙي سپاهيءَ هن جي تلاشي ورتي ته ڪو هٿيار ته لڪل ڪونه اٿس ۽ ٻئي سپاهيءَ هن جي گوڏ لاهي پري ڦٽي ڪئي هن جي ڏٻري ڏيل اگهاڙي ٽيڻ تي ڏسڻ ۾ آيو ته هن جو طوهر ٿيل هو. اها آهي مسلمانيءَ جي پختي نشاني.

# لاشن پريون لاريون

هاڻي اهو تہ صاف ثابت هو تہ گهٽ ۾ گهٽ هُو هندو نہ هو.

آڏي پڇا جاري رهي.

”مون کي ٻڌاءِ تہ تون ڊوڙي ڇو رهيو هئين؟“

باريءَ جي بُري درگت ٿي چڪي هئي. هن جون اکيون ڦاٽي ويون هيون، هو ڏکي رهيو هو ۽ اگهاڙپ لڪائڻ لاءِ ڪروندڙو ٿي ويو هو.

”سائين هي باغي فوجي ٿو ڏسجي.“ هڪڙي سپاهيءَ باري کي چڪي سڌو بيهاريندي چيو.

”ٿي سگهي ٿو.“ مون رانوڙ کي ڪنورتا پري پڻ پڻ ڪندي ٻڌو.

عبدالباريءَ کي بندوق جي ڪنداڪ سان ڪيترائي گهوسا هنيا ويا ۽ هن کي ٺيلها ڏيئي، ٽڏا هٽي پر واري پٽ سان لڳائي بيهاريو ويو.

هن جون ڪيهون ٻڌي، ڪهڪاءَ جي جذبي هيٺ پاسي واري جهوپڙيءَ مان ڪنهن نوجوان ڪڙڪي ڪولي ٻاهر جهاتي پاتي. باريءَ رڙ ڪري ڪجھ بنگاليءَ ۾ چيو. نوجوان پوئتي هٽي ويو ڪجھ ساعتن بعد هڪ ڏاڙهيءَ وارو ٻيڏو، هري هري هلندو ان جهوپڙيءَ مان نڪتو رانوڙ هن تي الر ڪري آيو.

”تون هن شخص کي سڃاڻين ٿو؟“

”ها صاحب، هي عبدالباري آهي.“

”ڇا هي باغي فوجي آهي؟“

”نہ صاحب، هي ڍاڪا ۾ درزي آهي.“

”مون کي سچ ٻڌاءِ؟“

”خدا جو سُنهن هي درزي آهي.“

Gul Hayat Institute

اوچتو شانت ٿي ويئي. رانوڙ ڪکو وکو ٿي ويو.

مون چيو ”خدا جي واسطي هن کي ڇڏي ڏي. هن جي بيگناهيءَ جو اجا توکي ٻيو ڪهڙو ثبوت کپي؟“

مگر ڏسڻ ۾ ٿي آيو تہ سپاهين کي اجا تسلي ڪانہ ٿي هئي ۽ هو باريءَ کي ماريندا ۽ پيڙيندا رهيا. آخر جڏهن وري بہ مون دخل اندازي ڪري درخواست ڪئي تڏهن مس مس وڃي رانوڙ هن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

هن مهل تائين باري اڌ مئو ٿي چڪو هو. هن ۾ نہ ڳالهائڻ جو ست رهيو هو ۽ نہ چرڻ پرڻ جي طاقت. مگر هن جي حياتي بچي ويئي. ٻيا هن جهڙا خوش نصيب ڪونہ هئا.

مان ڇهہ ڏينهن تائين ڊويزن جي فوجي آفيسرن سان، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر ڪوميلا هو، تن سان گڏ گشت ۾ رهيس، ۽ بي انت قتل ۽ ڪوس پنهنجي اکين سان ڏٺم. مون هندن ڪي ڳوٺ ڳوٺ ۾، گهر گهر ۾، در در وٽ، رت ۾ ليٽڙيون پائيندي ڏٺو. رڳو ڌوتي يا گوڏ هٽائي اهو ڏسڻ جي دير هئي تہ هو طوهريل آهي يا نہ. جي نہ تہ هن کي اتي جو اتي شوٽ ڪيو ٿي ويو.

مون انهن ماڻهن جون ڪيهون ٻڌيون آهن، جن کي ڪوميلا جي سرڪٽ هائوس ۾ ڏنڊا هڻي ماريو ٿي ويو. مون لاشن ڀريون لاريون ۽ ٽرڪون ڏٺيون، ۽ اهي ماڻهو بہ ڏٺا جي ڪرفيو ۽ رات جي اوندهہ جي ڍَڪَ ۾ انهن لاشن کي وڃي اڪلائيندا هئا. مون لشڪر جون اهي قتل ۽ باهين جون مهمون ڏٺيون جن ۾ هو باغين جو خاتمو ڪري ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ شهرن جا شهر، عام ڪوس ڪري ۽ باهيون ڏيئي چَٽُ ڪري ڇڏيندا هئا. مون اهو بہ ڏٺو تہ سڄي جا سڄا ڳوٺ، سزا ۽ سيڪٽ طور، نيست ۽ نابود ڪيا ويا.

مون ڪاڏي جي ميز تي هنن معزز ۽ بهادر فوجي آفيسرن کي اهڙو ظلم ۽ قتل عام ڪرڻ تي فخر ڪندي ٻڌو آهي، ۽ اهڙي نموني فخر جو مون کي پنهنجي ڪنن تي اعتبار ڪين آيو.

”تو اڄ ڪيترن کي جهنم رسيد ڪيو؟“

۽ ان جا جواب منهنجي حافظي ۾ ڏنبي بنجي بيهي رهيا آهن.

توهان کي هرڪو اولهہ پاڪستاني عملدار ٻڌائيندو تہ: ”اهو سڀ ڪجهہ ملڪ جي يڪجهتي، سالميت ۽ پاڪستان جي نظريي جي حفاظت خاطر ڪيو پيو وڃي.“

مگر ان لاءِ هاڻي تمام دير ٿي چڪي آهي. خود هيءَ فوجي ڪاروائي، جا ملڪ جي هڪ ڀئي کان هزار ميل دور ٻن ڀاڱن کي گڏ رکڻ لاءِ ڪئي پئي وڃي. سا نظرياتي ۽ جذباتي ڦوٽ جي تصديق ڪري ٿي. هاڻي اوڀر بينگال فقط فوجي طاقت ذريعي پاڪستان ۾ رکي سگهجي ٿو، ۽ فوج ۾ پنجابين جي گهڻائي آهي، ۽ پنجابي اصل کان بينگالين سان ڇَڀِ پيل آهن.

ڦوٽ ايتري حد تائين آهي جو ڪوبہ بنگالي وس پڄندي ڪنهن بہ اولهہ پاڪستانيءَ سان گڏجڻ يا ڳالهائڻ نہ ٿو چاهي. مون کي ڍاڪا ۾ هن قسم جو ڏاڍو

Gul Hayat Institute

ڏکوئيندڙ آزمودو حاصل ٿيو. مان پنهنجي هڪ پراڻي سنگتيءَ سان ملڻ ويس. هن مون کي ڏسندي، هي چئي منهن موڙي ڇڏيو تہ ”حالتون بدلجي ويون آهن. اڳيون پاڪستان ختم ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي انهن حالتن ۽ ناتن کي وساري ڇڏڻ گهرجي.“

ان کان ڪجهہ ڪلاڪ پوءِ، هڪڙي پنجابي فوجي آفيسر، غيربينگالين جي قتل بابت ڳالهائيندي، مون کي چيو ”هنن اهو ڪجهہ ڪيو آهي، جو 1947ع ۾ سکن ڪيو هو. سو اسين اهو ڪيئن ٿا وساري ڪين معاف ڪري سگهون.“

هن ڀيانڪ فوجي ڪاروائيءَ جا ٻہ مکيہ پهلو آهن. هڪڙو، جنهن کي اختياريءَ وارا ”پاڪ ڪرڻ“ جي مهم سڏين ٿا ۽ جو قتل عام لاءِ مهذب اصطلاح آهي. ٻيو پهلو آهي ”رواجي حالتن جي بحالي“. هن مان حڪومت جو اصل ارادو اهو آهي تہ اوڀر بينگال کي، اولهہ پاڪستان جي فرمانبردار بيٺڪ بنائي وجي. اهي اصطلاح ۽ ”شرپسند“ ۽ ”ڀارتي ڇاڙتا“ جهڙا اکر رڳو دنيا کي دوکو ڏيڻ لاءِ ”لفظن جي بازيگري“ آهي. ورنہ حڪومت جي پروپئگنڊا جو پردو هٽائڻ سان حقيقت کلي ٿي پوي، ۽ اها آهي هن پرڳڻي کي ڪالوني بنائڻ ۽ هتي جي ماڻهن جي عام خونريزي.

هندن تي هاڃن ڪرڻ جي عذر ۾، اوڀر پاڪستان جي فوجي گورنر ليفٽيننٽ جنرل ٽڪا خان کي 18 اپريل تي ريڊيو تي مون هي چوندي ٻڌو: ”اوڀر پاڪستان جا مسلمان، جن پاڪستان ناهڻ ۾ وڏو حصو ورتو هو، تن ان کي قائم رکڻ جو پڪو پهہ پچايو آهي. البت تمام وڏي گهٽائيءَ وارن جو آواز، ٿورائي وارن جي ڌمڪين ۽ دڙڪن ڪري دٻجي ويو آهي. ٿورائيءَ وارا پنهنجي ڌهڪاءَ ۽ ڌاڌاين ڪري، گهٽائي وارن جي حياتين ۽ ملڪيتن لاءِ خطرو بنجن ٿا ۽ انهي ٿورائيءَ جي چنبي ۾ اڇي عوامي ليگ پڻ پيچ ڏاهہ جون ڪاروايون شروع ڪيون.“

ٻين خانگي طرح، عذر پيش ڪرڻ وقت، وڏيڪ صاف گوئيءَ کان ڪم تي ورتو. مثال طور، نائين ڊويزن ڪوميلا جي هيڊ ڪوارٽر جي طعام گهر ۾ ڪرنل نعيم مون کي ٻڌايو ”هندن پنهنجي زرَ جي زور تي هتي جي عام مسلمانن کي مڪمل طور پنهنجي زيربار ڪري ڇڏيو هو. هنن هتي جا پيسا ۽ پيدائش سرحد پار ڀارت ۾ موڪلي هن پرڳڻي کي ڪنگال بنائي ڇڏيو هو. ڪن اسڪولن ۽ ڪاليجن جي عملي ۾ اڌ کان وڌيڪ هندو استاد هوندا هئا، پر هو پنهنجا ٻار تعليم واسطي ڪلڪتي موڪليندا هئا. معاملو ان حد تي پهتو هو جو بينگالي سڀيتا حقيقت ۾ هندو سڀيتا بنجي چڪي هئي، ۽ اوڀر پاڪستان عملي طرح ڪلڪتي جي مارواڙي

Gul Hayat Institute

واپارين جي قبضي ۾ هو. هاڻي اسان کي انهن کي ڳولي ڳولي انهن جو حساب چڪتو ڪرڻو آهي، جئن زمين ماڻهن کي واپس ملي ۽ ماڻهو پنهنجي مذهب طرف واپس موٽن.“

يا ميجر بشير جو رايو ٻڌو. هي پڻ ڪوميلا ۾ نائين ڊويزن ۾ آفيسر آهي، ۽ ان ڳالهه تي پڌرندو آهي ته هن هتي 28 جڻن کي پاڻ پنهنجي هٿن سان جهنم پهچايو آهي. هن جو چوڻ آهي ته ”هيءَ پاڪ ۽ پليت جي لڙائي آهي. هتي جي رهاڪن جا نالا ڀلي مسلمانڪا هجن ۽ پاڻ کي مسلمان به سڏائين، پر هو دلي طرح هندو آهن. توکي اعتبار نه ايندو ته ڇانوٽيءَ واري مسجد جي امام جمعي جي خطبي ۾ فتوا ڏني ته جو اولهه پاڪستانين کي قتل ڪندو سو جنت ۾ ويندو. اسان ان حرامزادي کي گرفتار ڪيو آهي ۽ ٻين به اهڙن جي ڳولا ڪري رهيا آهيون. هاڻي هتي فقط سچا مسلمان وڃي بچندا ۽ اسين هنن کي اردو به سيکاريندا سين.“

مون جتي ڪٿي ڏٺو ته فوجي ۽ ٻيا ماڻهو پنهنجي ڪرتوتن کي حق تي ثابت ڪرڻ لاءِ طرح طرح جا خيالي بهانا تراشيندا هئا. پنهنجي پاپي من جي ڪوڙي تسڪين خاطر ۽ ضمير جي ڇهنڊڙيءَ کان بچڻ لاءِ، ٻين کي صدقي جي ٻڪري بنائيندا وتندا هئا. هنن پنهنجي ڪاروائيءَ کي مسئلي جو ”حل“ تي سڏيو ۽ مسئلو وري ڇا جو؟ مسئلو هو اصل ۾ سياسي. بينگالين چونڊون کٽيون هيون ۽ هنن حڪومت جون واڳون وٺڻ تي چاهيون. پنجابين، جن پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي حڪومت تي مڪمل قبضو ڄمائي رکيو هو، تن پنهنجي طاقت کي ترَ جيترو ٿڏ به برداشت نه تي ڪيو. لشڪر پڻ سندن هو.

جو ڪجهه ٿيو آهي، ان کي خانگي طرح، آفيسر اهو چئي برحق ٿا سمجهن ته اهو فوج جي اچڻ کان اڳ غيربينگالين جي ٿيل خونريزيءَ جو بدلو آهي. مگر واقعا ثابت ڪن ٿا ته اهو ڪوس پاڻمرادو اڻ رٿيل رد عمل ڪين هو. بلڪ اهو سوچيل ۽ رٿيل هو.

اهو صاف نظر اچي ٿو ته هن پرڳٽي کي شرپسندن کان پاڪ ڪرڻ جي مهم ان وقت ذاري رٿي ويئي جڏهن ليفٽيننٽ جنرل ٽڪا خان اچي اوڀر پاڪستان جي گورنريءَ جي واڳ ورتي. هن چارج ورتي شريف طبع ۽ صابر گورنر ائڊمرل احسان ۽ اتي جي فوجي ڪمانڊر علم دوست ليفٽيننٽ جنرل صاحبزادي خان کان.

اها مارچ جي شروعات هئي. شيخ مجيب الرحمان جي عوامي نافرمانيءَ واري هلچل زور پڪڙي رهي هئي، ڇو ته قومي اسيمبليءَ جو اجلاس، جنهن سان

Gul Hayat Institute

بينگالين جون ڪيتريون اميدون ڳنڍيل هيون، اهو مهمل ڪيو ويو هو. چون ٿا ته ان دوران فوج جي جيڪا درگتي ٿي ان تي وڏن آفيسرن ۾ جيڪا ناراضگي پيدا ٿي ان کي يحيا خان پئي ناريو. ڍاڪا ايسٽ ڪمانڊ ۾ مقرر ٿيل پنجابي فوجي عملدارن جو مرڪزي حڪومت جي نيتين ۾ وڏو دخل آهي.

25 مارچ جي سانجهيءَ جو، فوجي ٽولا، ٽڙي پکڙي ڍاڪا شهر ۾ مقرر جڳهين تي وڃي جمي بيٺا. رٽا موجب هنن کي اڌ رات کان پوءِ پنهنجي ڪاروائي ڪرڻي هئي. انهن فوجن وٽ انهن ماڻهن جون فهرستون هيون جن کي هنن کي ختم ڪرڻو هو. انهن فهرستن ۾ هندو، شاگرد، عوامي ليگي، پروفيسر، صحافي ۽ اهي شخص شامل هئا جي شيخ مجيب جي هلچل جا مکيه ڪردار ٿي رهيا هئا.

هاڻي اهو الزام لڳايو ٿو وڃي ته هندو شاگردن جي هاسٽل جڳن ناٿ هال مان فوج تي بم اڇلايا ويا. جي ان کي ڪٽي سچ به مڃجي، ته به هندن جي ٽن ڪالونين، به مندرن جي چوگرد رامنا ريس ڪورس ۾ ۽ ٽين شڪرپٽيءَ ۾، ۽ جي شاگردن جي هن هاسٽل کان ڪيئي ميل پري هيون، تن کي نيست ۽ نابود ڪرڻ ڪيئن ٺيڪ ٿو صحيح ٿي سگهي؟ نه وري اهو الزام ان حقيقت تي روشني ٿو وجهي ته مارچ جي 26 ۽ 27 تاريخن تي ڪرفيو جي دوران، ڍاڪا ۽ نارائڻ گنج شهرن جي هندن جي آدمشماري جو وڏو حصو ڪيئن غائب ٿي ويو؟ ساڳيءَ طرح انهن بي انداز مسلمانن جو نالو نشان ڪونه مليو جي ڪرفيو جي دوران پڪڙيا ويا هئا. هنن ماڻهن کي به سوچيل سٽا هيٺ پورو ڪيو ويو. رڳو هندن جي چيڙڇاڙ جو اهو نتيجو نه نڪري ها.

## قلم ۽ قتل

15 اپريل تي ڍاڪا جو گشت ڪندي، مون اقبال هاسٽل جي ڇت تي چئن شاگردن جون سسيون ڏٺيون جي ڪِنيون ٿي ڊپ ڪري ويون هيون. چوڪيدار ٻڌايو ته هنن کي 25 مارچ تي ماريو ويو هو. مون ٻن ڏاڪڻين ۽ چئن ڪوٺين ۾ رت جا وڏا وڏا داغ به ڏٺا. هن هاسٽل پنيان هڪڙي رهائشي ماڙيءَ کي ملٽريءَ خاص نشانو بنايو هو. ڀتين ۾ گولين جي ڪري ٽنگ ٿيل هئا، ۽ ڏاڪڻ تي اڃا به بدبوءِ نڪ ساڙي رهي هئي. حالانڪ اتي گهڻو ڊي ڊي ٽي پائوڊر ڇٽڪيو ويو هو. اتي جي پاڙيسرين کان پتو پيو ته ٿوري دير ٿي جو ضائفن ۽ ٻارن جا 23 لاش گاڏين ۾ ڪٽائي ويا. اهي لاش 25 مارچ کان ڇت مٿان سڙي رهيا هئا. گهٽي پڇ

Gul Hayat Institute

پڇان کان پوءِ مس مس انهن ماڻهن سچي ڪئي تہ اهي لاش هندن جا هئا، جي پر وارين ڪچين پونگين ۾ رهندا هئا، ۽ فوج کي گهيرو ڪندي ڏسي اچي هن عمارت ۾ پناهہ ورتي هئائون.

هي ڪوس حيرتناڪ بيپرواهيءَ سان هلايو پيو وڃي. مان ڪوميلا جي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ميجر آغا جي آفيس ۾ ويٺو هوس. 19 اپريل جو صبح هو. ان وقت مون سزا ڏيڻ جو سرسري طريقو ڏٺو. پوليس جو هڪڙو بهاري صوبيدار، گرفتار ٿيلن جي فهرست هٿ ۾ جهليو اندر گهڙيو. آغا فهرست تي نگاهہ وڌي. پوءِ پينسل جي هڪ هڪ گهڪي سان، بيحد بيپرواهيءَ مان، چئن نالن تي نشان لڳايو.

”هنن چئن کي شام جو نيڪال واسطي پيش ڪجانءِ!“ هن چيو. هن فهرست ڏي بيهر نهاريو. پوءِ هڪ دفعو وري پينسل سان گهڪو ڏنائين. ”. . . . ۽ هن چور کي بہ هنن سان گڏ آڻجانءِ!“

هن ئي ديس جي ناريل جي پاڻيءَ جو پيالو چپن تي چاڙهيندي، هو چئن ڄڻن جي موت جو پروانو ڪڍي چڪو هو. مون کي خبر پيئي تہ انهن چئن مان بہ هندو هئا، هڪڙو شاگرد، ۽ هڪڙو عوامي ليگ جو ڪارڪن. ”چور“ بابت ٻڌم تہ هن جو نانءُ سلطان هو، ۽ هن کي پنهنجي هڪ هندو سنگتيءَ جو سامان، پنهنجي گهر ۾ وڃي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪڻندي پڪڙيو ويو هو.

سانجهيءَ جو مون انهن ماڻهن کي ڏٺو. هنن جون ڄنگهيون ۽ ٻانهون واڍين ۾ ٻڌل هيون، ۽ هنن کي رستي تان گهليندي، سرڪٽ هائوس جي پڌر ۾ آندو ويو. ڪرفيو شروع ٿيڻ کان ٿوري ويرم پوءِ، مينا پکين جي ولر جي ”چين چين“ جي آوازن ۾ ”ٺڪ ٺڪ“ جي آوازن جو رخنو پئجي ويو. اهي نوان آواز هئا، ڪاٺ جي ٿلهن ڏنڊن جا گوشت ۽ هڏن سان زُم سان ٽڪرجڻ جا ڦهڪا.

ڪئپٽن عظمت، بلوچ ريجمينٽ جو عملدار هو. هن جون بہ خصوصيتون هيون. هڪ تہ هو نائين ڊويزن جي ڪمانڊنگ آفيسر ميجر جنرل شوڪت رضا جو اي ڊي سي هو، ۽ ٻي تہ هو طعام خاني ۾ اڪثر مڙني جي چرچن جو نشانو بڻبو هو. مون کي معلوم ٿيو تہ پوري ٽوليءَ ۾ هيءُ ئي هڪڙو عملدار هو جنهن جي هٿان ”شڪار“ جو ڪارخير ڪونہ ٿيو هو.

”اڙي عظمت، هاڻي اسين توکي مرد بنائينداسين،“ بشير هن کي هڪ رات چيو. ”سڀاڻي اسين ڏسنداسين تہ تون هنن کي ڪيئن ڀڄائين ٿو. تمام آسان ڪم آهي.“

Gul Hayat Institute

پوءِ بشير پنهنجي بڪواس ۾ شروع ٿي ويو. هو ٻين فرضن سان گڏ، هيڊ ڪوارٽر ۾ تعليم جو عملدار پڻ هو. هيءُ ئي هڪڙو اهڙو پنجابي آفيسر هو جنهن کي مون بينگالي روانيءَ سان ڳالهائيندي ڏٺو. سيني جي متفق راءِ هئي ته هو وڏو بور ۽ بڪواسي ماڻهو آهي، جنهن کي فقط پنهنجو ئي آواز ٻڌڻ ۾ شان نظر ايندو آهي.

هڪ ڏينهن هڪ سونهاريءَ وارو ٻيڙو، پنهنجي پاءُ جي باري ۾ پڇڻ آيو. هن جو پاءُ ڪوميلا ۾ عوامي ليگ جو مکيه ڪارڪن هو، ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ هن کي گرفتار ڪيو ويو هو.

بشير هن کي ٻڌايو ته "هو ڀَڄي ويو." ٻيڙي جي سمجهه ۾ اها ڳالهه ڪين ٿي آئي ته هن جو پاءُ، جنهن جي هڪ ٽنگ پڳل هئي، سو ڪيئن ٿي ڀڄي سگهيو. نه وري منهنجي ئي سمجهه ۾ اها ڳالهه آئي. تنهنڪري بشير اک ڀڄي مون کي ڳالهه جو ڳجهه ٻڌايو. "ريڪارڊ ڏيکاريندو ته هن کي ڀڄڻ وقت شوٽ ڪيو ويو." مون کي اڄ تائين خبر پئجي ڪين سگهي آهي ته ڪئپٽن عظمت به "شڪار" جو ڪو ڪارنامو ڪيو يا نه. باغي بينگالي سپاهين فينيءَ کي پنهنجو اڏو بنايو هو. هي شهر چٽاگانگ کان ستر ميل اتر طرف ۽ ڪوميلا ڏانهن ويندڙ شاهراهه تي هو. هتي پاڪستاني فوج جي نائين ڊويزن کي گهيرو ڪري دنيا کان ڪٽي ڇڏيو ويو هو. ان ايراضي جي چوڌاري مڙني مورين ۽ پلين کي پائمال ڪيو ويو هو. جنرل رضا تي ڍاڪا مان دٻناما اچي رهيا هئا ته هو باغين جو بلو ڪري، اوپر واري سرحد بند ڪري، جئن باغي دنگ پار ڪري نه وڃن، ۽ ٻيو ته چٽاگانگ بندر تان رسد پهچڻ ۾ رڪاوٽ نه پوي.

ان ڪري جنرل رضا هيسيل هو. هو ڏهاڙي ان ايراضيءَ مٿان هيليڪاپٽر ۾ چڪر ڏيندو هو ۽ جوشيليون تقريرون ڪندو هو. ڪئپٽن عظمت دستور موجب هن جي حاضريءَ ۾ رهندو هو. مون وري هن کي ڪونه ڏٺو. پر منهنجو اندازو آهي ته ڪو "شڪار" جو ڪارنامو نه ڪرڻ ڪري هن کي چيڙايو ويو هوندو، پر هو ڪجهه نه ڪري سگهيو هوندو.

ٽن هفتن کان پوءِ، نائين ڊويزن جي قاتل فوج فينيءَ جي ايراضيءَ تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي. ان دوران بينگالي باغي، پيانڪ بمباري کان مجبور ٿي، پنهنجي هٿيارن سميت سرحد پار پارت ڀڄي ويا.

Gul Hayat Institute

نائين ڊويزن هيڊ ڪوارٽر جي ليفٽيننٽ ڪرنل اسلم بيگ کي فڪر ويڙهي ويو ته پارٽ ٽائيم سپاهي پارٽين جي سهڪار سان اسان کي ڏاڍو تنگ ڪندا، ان ڪري انهن جو خاتمو ڪرڻ ضروري آهي.

ڪرنل اسلم بيگ توبخاني جو ماهر ۽ مشهور آفيسر هو. هن چين ۾ چيني هٿيارن جي استعمال جي سکيا پڻ ورتي هئي. هن کي پنهنجي خاندان تي ناز هو. هو گلن جو عاشق هو. هن مون کي فخر سان ٻڌايو ته هن چين مان وڏا قرمزي رنگ جا ڪنول گل آندا هئا ۽ ڪوميلا ۾ هيڊ ڪوارٽر جي سامهون تلاءُ ۾ اچي لڳايا هئائين.

ميجر بشير مون کي هڪ واقعو ٻڌايو.

چي: ”هڪ ڏينهن هڪڙي باغي بينگالي آفيسر کي پڪڙيو ويو. ان تي پڪراءِ ڪونه ٿي ٿيا ته هن کي ڇا ڪيو وڃي. هيڊانهن هوڏانهن هدايتن لاءِ فونن جو ڪڙڪو پئي پيو. هن چيو ته اهو مسئلو ”پُجي ويو“ جي اصول تي منٽن ۾ حل ڪري ڇڏيو.“

حسن جي وچ ۾ ايتري حيوانيت جو ماڻهو تصور به ڪري نه ٿو سگهي. مان ڪوميلا اپريل جي پڇاڙيءَ ۾ ويو هوس. سارين جو ٻنيون افق تائين سائي باغيچي وانگر نظر اچي رهيون هيون. ملڪ تي بهار آيل هو. رستن تي گل مهر جا ڳاڙها گل بيحد دلڪش لڳي رهيا هئا. ٻهراڙيءَ ۾ انبن ۽ ناريل جا وڻ ميون سان ڦريا بيٺا هئا.

## قتل ۽ باهه سان بدلو

ڪوميلا، دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ گهاٽيل آدمشماريءَ وارو حصو آهي. في چورس ميل 1900 ماڻهو. پر هينئر ته هڪڙو به نظر نه ٿي آيو.

ڪجهه ڏينهن اڳ، ڍاڪا جي عجيب نموني ويران گهٽين ۾ گهمندي، مون پاڻ سان گڏ هلندڙن کان پڇيو هو ”بينگالي ڪٿي آهن؟“ نهيل جڙيل جواب مليو هو ”هو ڳوٺن ۾ هليا ويا آهن.“

۽ اڄ مان ٻهراڙيءَ ۾ بيٺو هوس، پر هتي به بينگالي غائب هئا.

ڪوميلا شهر به ڍاڪا وانگر سڄو بند هو، رستن تي ڪڪڙوڪو لڳي پيئي آهي. لڪشم ڏانهن ويندڙ ڏهه ميل رستي تي سيني ڳوٺن ۾ سانت ۽ سنساني هئي. وات تي ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هاري مس نظر آيا البت سپاهي جام پئي نظر

Gul Hayat Institute

آيا، سوَن جي تعداد ۾، اڇ مرڪندڙ چهرا، خاڪي لباس ۽ هٿن ۾ بندوقون. هنن کي حڪم آهي تہ هٿيار هميشہ تيار رکن. رستن تي هر وقت ڪنور چهرن ۽ رت جي پياسي سپاهين جو پهرو رهي ٿو. جتي فوج هوندي اتي توهان کي بينگالي نظر ڪين ايندو.

ريڊيو تي ۽ اخبارن ۾ هر وقت مارشل لا جو هي حڪم ورجايو ٿو وڃي تہ جنهن کي بہ پيچ ڊاهہ ڪندي پڪڙيو ويو تنهن کي موت جي سزا ملندي، جيڪڏهن ڪٿي بہ رستي ۾ ڪا رڪاوٽ ڪڙي ڪئي وئي يا ڪنهن پل کي اڏايو يا نقصان رسايو ويو تہ انهيءَ هنڌ کان بہ سو گزن جي دائري ۾ جيڪي بہ گهر هوندا سي زمين دوز ڪيا ويندا ۽ انهن جي رهاڪن کي گرفتار ڪيو ويندو.

انهن حڪمن تي عمل، ان جي لفظن کان گهڻو ڀيانڪ هو. ”سزا“ جو لفظ، بينگالين واسطي موت جو پيغام آهي. اسان پاڻ ڏٺو تہ ان جو مطلب ڇا آهي؟ 17 اپريل تي اسين چاند پور جي رستي حاجي گنج ڳوٺ جي ويجهو پهتاسين. ان ڳوٺ جي پرسان هڪ پل کي ڪن باغين گذريل رات تباهہ ڪيو هو. ميجر راٺوڙ جي چوڻ موجب، فوج جو هڪ ٽولو، ”سزا“ ڏيڻ لاءِ سرزمين ڏانهن موڪليو ويو. اسان ڏٺو تہ ان ڊنل پل جي چوڌاري ٻن فرلانگن تائين دونهين جا ڪڪر پکڙيل هئا. ڊاٺل پل تي تختا رکيا ويا هئا، جتان اسان جي جيپ لنگهي جڏهن ڳوٺ جي ويجهو پهتي تڏهن اسان ڏٺو تہ ڳوٺ جي گهرن ۾ باهہ وچڙي رهي هئي.

ڳوٺ جي پنئين پاسي ڪيئي سپاهي ناريل جي سڪل پنن سان باهہ پکيڙي رهيا هئا. ناريل جا پن بهترين ٻارڻ آهن ۽ رواجي طرح رڌڻ پچائڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن. اسان کي ناريل جي وڻن جي وچ ۾ هڪ ماڻهو ٽنگيل نظر آيو. رستي جي ٻئي پاسي، سارين جي ٻنين جي وچ ۾ هڪ سڙيل ڳوٺ جا آثار نظر آيا. درجن کان وڌيڪ، بانسن جي لڪڙن جا ٺهيل گهر باهہ جي ڪري پسم ٿي ويا هئا. سوين ڳوناٽا لشڪر جي پهچڻ کان اول ئي هتان ڀڄي ويا هئا. جن ڀڄڻ ۾ دير ڪئي تن جو حشر اهو ئي ٿيو جيڪو ناريل جي وڻن جي وچ ۾ ٽنگيل جو ٿيو هو.

جئن اڳتي وڌياسين، تئن ميجر راٺوڙ چيو ”هنن پنهنجو پاڻ سان ڪئي.“

مون چيو ”پر ٿورن باغين جي ڪارنامي ڪري، هيترن بيگناهن کان بدلي وٺڻ جو هيءُ بدترين مثال آهي.“

هو ڪونہ ڪڇيو.

ڪجھ ڪلاڪن ڪان پوءِ چاند پور مان موٽندي، اسين جڏهن حاجي گنج وٽان لنگهياسين تڏهن مون ”مارڻ ۽ ساڙڻ“ جي وحشي مهم جي پهرين ڪليل جهلڪ ڏٺي.

ان ڏينهن طوفان لڳو هو. اجا بہ گهاٽا ڪڪر بينا هئا. انڌاريءَ ۾ شهر جي وڏي مسجد جا منارا پوت پائنجي رهيا هئا. هلڪي بوند، ڪئپٽن اظهر ۽ اسان جي پٺيان بي ڪليل جيپ ۾ وينل چئن سپاهين جي وردين کي آلو ڪرڻ شروع ڪيو هو.

جيئن ڪنڊ وٽان مڙياسون تہ مون ڏٺو تہ مسجد جي ٻاهران ٽرڪن جي قطار بيني هئي. ڳڻيم تہ ست هيون. اهي لڙائي واري لباس ۾ تيار سپاهين سان ستيل هيون. سيني جي اڳيان هڪ جيپ هئي. رستي جي ٻئي پاسي ڏٺم تہ ٻہ ماڻهو ٽئين جي نظرداريءَ هيٺ هڪ هڪ دڪان جو دروازو پيچي رهيا هئا. اهڙا سؤ ڪان وڌيڪ دڪان لاڳيتا هئا. جئن ميجر راٺوڙ گاڏي بيهاري تہ هو همراه بہ دروازي جو ڪم لاهڻ تي هئا.

”اڙي هي ڇا ٿا ڪريو؟“ هن پڇيو.

ٽنهي ۾ جيڪو ٿلهو هو ۽ نظرداري ڪري رهيو هو، تنهن اسان ڏي مڙي، اکيون ڦرڪائي، چيو. ”ٿلها، تنهنجو ڪهڙو خيال آهي تہ اسين ڇا ڪري رهيا آهيون.“

هن جو آواز سڃاڻي، راٺوڙ جي چپن تي مرڪ ڦهلجي ويئي. هن مون کي ٻڌايو تہ ”هو 12 فرنٽيئر فورس رائيفلس جو ميجر افتخار ۽ هن جو پراڻو دوست آهي.“

راٺوڙ: مون سمجهيو تہ ڪو لٽ مار ڪري رهيو آهي.

افتخار: لٽ مار، نہ اسين ”مارڻ ۽ ساڙڻ“ جي مهم تي نڪتا آهيون.

هن دڪانن طرف اشارو ڪري چيو تہ اسان اهي ناس ۽ نابود ڪرڻ آيا آهيون.

راٺوڙ: تو اڄ گهڻا ”شڪار“ ڪيا؟

افتخار: (لڄي ٿي مرڪيو.)

راٺوڙ: يار ٻڌاءِ نہ، گهڻن کي پورو ڪيئي؟

افتخار: رڳو ٻارهن. خدا جو قسم اها بہ قسمت چڱي هئي، ورنہ اهي بہ هٿان ويا هئا. اها تہ مون کي مت اچي ويئي جو پٺئين پاسي کان بہ ماڻهو موڪليم.

Gul Hayat Institute

ان کان سواءِ ان ڍيريءَ تي دڪان مان خالي ڳوٽيون، پلاسٽڪ جا رانديڪا، رومال ۽ ٻيون ٻرڻ جهڙيون چيزون بہ رکيائين. پوءِ اسان جي گاڏيءَ ۾ ويٺل هڪ سپاهيءَ کان ماچيس ۽ تيلي گهريائين. سپاهيءَ جي من ۾ ڪجھ ٻيو هو. هو ٽپ ڏيئي گاڏيءَ مان لٿو ۽ دڪان ۾ گهڙي ڇت مان ٽنگيل هڪ ڇٽي لاهڻ لڳو. افتخار هن کي دڙڪو ڏيئي، ٻاهر نڪري وڃڻ لاءِ چيو.

رانوڙ جي ٽيڪر ڏيڻ تي، افتخار ڦوندجي پوري تفصيل سان بيان ڪرڻ لڳو تہ هن ڪيئن، ڪيتري تلاش کان پوءِ مس مس وڃي حاجي گنج جي هڪڙي گهر ۾ لڪل هندن کي هٿ ڪيو.

هاڻي افتخار مهم جو ٻيو مرحلو پورو ڪري رهيو هو يعني ”ساڙڻ“.

هن مهل تائين دروازو ٽوڙيو ويو هو. هيءُ دڪان هڪ ميڊيڪل ۽ جنرل اسٽور هو. بينگاليءَ جي هيٺان انگريزيءَ ۾ لکيل ”اشوڪ ميڊيڪل ۽ جنرل اسٽور“ ۽ مالڪ: اي ايم بوس. مسٽر بوس حاجي گنج جي ٻين ماڻهن وانگر تالو ڏيئي ترڪي ويو هو.

دڪان جي اڳياڙيءَ ۾ نمائشي ڪٻٽ هو. ان ۾ رکيل هئا: دوائون، ڪنگھ جا شربت، انب جو شربت، نقلي جواهر، رنگين ڌاڳن جون ڍيريون ۽ ٻيون شيون. افتخار ان کي ٺڏو هڻي ٽوڙي ڇڏيو. پوءِ ڀڳل در جي ڪاٺ جا ٽڪرا گڏ ڪري تيلي هڻڻ لاءِ تيار ٿيو. هن کي ياد ڏياريائين تہ لٽڻ جي منع آهي.

افتخار ڊبيءَ کي باھ ڏني. مچ ٻرڻ لڳو. هن ٻرندڙ ڳوٽيون دڪان جي هڪڙي ڪنڊ ۾ اڇلايون ۽ ٻرندڙ تاڪيون ٻيءَ ڪنڊ ۾. پنيٽ پڙڪي اٿيو، ۽ ٿوريءَ دير ۾ ٻين لاڳيتن دڪانن ۾ دروازن جي پنيان شعلن جا ٽڙڪاٽ ٻڌڻ ۾ آيا. باھ پکڙي ٻين دڪانن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي رهي هئي.

رانوڙ وڌندڙ اونداهيءَ ڪري بي آرام ٿيڻ لڳو هو. ان ڪري اسين اتان روانا ٿي وياسين.

Gul Hayat Institute

ٻئي ڏينهن جڏهن ميجر افتخار سان ملڻ جو اتفاق ٿيو تڏهن هن افسوس ظاهر ڪندي چيو ”مان رڳو سٺ گهر ساڙي سگهيس. جي مينهن نہ پوي ها تہ پورو علائقو ڀسم ڪري ڇڏيان ها.“

مظفر گنج کان ڪجھ ميل پري، جڏهن هڪڙي ڳوٺ ويجهو پهتاسين، تڏهن کو ڪچي پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ڊوندڙو ويٺل ڏسڻ ۾ آيو. هڪ سپاهيءَ چتايو تہ باغي فوجي نہ هجي. مگر هن جي چڱيءَ طرح چڪاس ڪرڻ تي پتو پيو تہ هوءَ

هڪ سهڻي هندو ڇوڪري هئي. هوءَ ڏاڍي نماڻي لڳي رهي هئي ۽ خبر ناهي ته اتي ڪنهن جي اوسيڙي ۾ ويني هئي. هڪڙو سپاهي اوپر پاڪستان رائيفلس ۾ ڏهه سال رهيو هو ۽ بينگالي ڳالهائي ٿي سگهيو. هن کي چيو ويو ته ڇوڪريءَ کي تاڪيد ڪري ته ڳوٺ ۾ هلي وڃي. هن جواب ۾ ڪجهه مڻ مڻ ڪئي پر اتان چري ڪونه. هن کي ٻيهر اتان هليو وڃڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو. اسان روانا ٿي وياسين پر هوءَ اتي ئي ٽڪي رهي.

مون کي ٻڌايو ويو ته ”هن کي وڃڻ لاءِ ڪابه جڳهه ڪانهي؛ نه ڪٽنب ۽ نه گهر.“

ميجر افتخار انهن آفيسرن مان هڪ هو جن کي ”مارڻ ۽ ساڙڻ“ جي مهم تي لڳايو ويو هو. جڏهن فوج باغين جو خاتمو ڪري ڇڏيندي هئي، تڏهن هنن آفيسرن کي اڇي هندن ۽ شرپسندن کي مارڻو هو، ۽ اهي جايون ۽ انهن جي آسپاس واريون جايون جلائڻيون هيون جتان فوج تي ڪا گولي هلائي ويئي هئي.

هن سنهڙي پنجابي عملدار کي پنهنجي ڪارنامن جو وَرُ وَرُ ڪري ذڪر ڪرڻ وڻندو هو. هڪ ڏينهن ڪوميلا ۾ مان هن سان گڏ سرڪٽ هائوس ڏي ويس ته هو پنهنجو تازو ڪارنامو ٻڌائڻ لڳو:

”هڪڙي پوڙهي کي ڦاسايوسين. هن ڊگهي ڏاڙهي رکي هئي ۽ هڪ مومن مسلمان جو ڀروپ ڪٽي ڌاريو هئائين. پنهنجو نالو به عبدالمنان رکيو هئائين. پر هن جي جسماني چڪاس مان هن جو پول پڌرو ٿي پيو.“

هو ٻڌائيندو رهيو ”مون هن کي هڪدم پورو ڪرڻ چاهيو، پر منهنجن ماڻهن چيو ته هن حرامزادي کي ٽن گولين جو مزو چکائجي. ان ڪري مون پهرين گولي هن جي خصين ۾ هنئي، پوءِ ٻي هن جي پيٽ ۾. آخر ۾ هن جي مغز ۾ گولي ڇوڙي هن کي پورو ڪيم.“

جڏهن مان ميجر افتخار کان موڪلايو، تڏهن هو برهمڻ باڙا ڏانهن وڃي رهيو هو. هن جي مهم هئي: مارڻ ۽ ساڙڻ.

ڍڪاءَ کان ڌري، بنگالي ٻه رستا اختيار ڪن ٿا. جيڪي ڀڄي سگهن ٿا سي بنا دير ڪرڻ جي غائب ٿيو وڃن. فوج جي اچڻ جو ٻڌي شهرن جا شهر خالي ٿيو وڃن. جيڪي ڀڄي نه ٿا سگهن، سي چاپلوسي ۽ نيچو نمڻ جو طريقو هلن ٿا، جنهنڪري هنن جي اجا به زيادهه ذلت ٿئي ٿي.

چاند پور پهرين نموني جو مثال هئي.

Gul Hayat Institute

هي شهر ميگهنا جي مڪيہ درياهہ تي بندر، واپار جو مرڪز ۽ رنگين حياتيءَ ڪري مشهور هو. رات جو هزارين ننڍڙيون گوناٽيون ٻيڙيون اچي درياهہ جي ڪپ سان لنگر هٽنديون هيون ۽ روشنايون جو پرستان بنائي ڇڏينديون هيون. 18 اپريل تي چاند پور سنسان ٿي ويئي. نڪي ماڻهو، نڪي ٻيڙيون. مشڪل سان آدمشماريءَ جو هڪ سيڪڙو وڃي رهيو هو. باقي ڀڄي ويا هئا، خاص ڪري هندو. هندن جي آدمشماري اڌ جي لڳ ڀڳ هئي. عجب آهي تہ هو پنيان هزارين پاڪستاني جهنڊا ڪوڙي ويا هئا. هر گهر، دڪان ۽ ڇت مٿان هي جهنڊا جهولي رهيا هئا. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ڄڻ تہ قومي ڏڻ ملهايو پيو وڃي. مگر ماڻهن جي هجوم ڪان سواءِ. ان ڪري ويراني پاڻ وڌيڪ ڀيانڪ پائنجي رهي هئي.

جهنڊا جاين جي بچاءَ جي ضمانت طور لڳايا ويا هئا، ڪنهن طرح اهو افواهہ ڦهلجي ويو هو تہ فوج جي نظر ۾ هر اها جاءِ، دشمن جي جاءِ سمجهي ويندي جنهن تي جهنڊو لڳل نہ هوندو. جهنڊا بہ ٽڙ تڪڙ ۾ عجيب غريب بنايا ويا هئا، بس چنڊ ۽ تارو سو سيني تي هئا، باقي ان جي ماپ، صورت ۽ رنگ جي ڪنهن پرواهہ ڪونہ ڪئي هئي، ڪن سائي ڪپڙي بدران نيري ڪپڙي جا ناهيا هئا، ظاهر آهي تہ هنن ابهرائي مان بنگلاديش جو جهنڊو، جو نيرو آهي، تنهن تي ئي چنڊ تارو لڳائي ان کي پاڪستاني جهنڊي ۾ بدلايو هو. سچ تہ اهو آهي تہ نيرا جهنڊا ساون جهنڊن ڪان گهڻا هئا.

چاند پور وارو ساڳيو ڏيک، حاجي گنج، مظفر گنج، قصبا، ۽ برهمڻ باڙا ۾ دهرايل نظر آيو: ويران شهر، ڦڙڪندڙ جهنڊا.

## پرچار جو ناٽڪ

لڪشم، مثال هو ٻئي رستي "چاپلوسي ۽ نيچو نمڻ" جو.

جنهن ڏينهن هن شهر کي باغين کان پاڪ ڪيو ويو، ان جي ٻئي ڏينهن صبح جو مان اتي پهتس. اتي فقط فوج ۽ هزارين پاڪستاني جهنڊا پئي نظر آيا. اتي جي انچارج ميجر، پوليس ٿاڻي ۾ وڃي پنهنجو هيڊ ڪوارٽر بنايو هو. ميجر راٺوڙ مون کي اتي ئي وٺي هليو.

اسان جو هم سفر، پاڪستان ٽيليويزن جو هڪڙو ڪئميرا مين پڻ هو. هن کي لڪشم ۾ "حالتن بحال ٿيڻ" جي فلم ناهڻي هئي. اهڙي قسم جون فلمون

Gul Hayat Institute

ڏهاڙي ور ور ڪري ڏيڪاريون ويندڀون هيون، جن ۾ فوج جي مرحبا جا منظر ۽ امن ڪميٽين جا ميڙ ڏيکاريا ويندا هئا.

مون کي سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿي آيو ته هو اهڙي فلم ناهڻ جو بندوبست هتي ڪيئن ڪري سگهندو؟ مگر ميجر چيو ته اهو ته اسان جي ڪابي هٿ جو ڪيل آهي. ”بهترين ڏيکاءُ پيش ڪرڻ واسطي هنن حرامين جو ڪافي تعداد موجود آهي. مون کي رڳو ويهه منٽ ڏي.“

39 بلوچ جي ليفٽيننٽ جاويد جي سپرد هي ڪم ڪيو ويو ته هو ماڻهو ڪٺا ڪري. هن هڪڙي پوڙهي کي سڏ ڪيو جو ظاهري طرح پڇا ڳاڇا لاءِ هتي آندو ويو هو. پوءِ هن پنهنجو نالو مولانا سعيد محمد سعيدالحق ٻڌايو ۽ چيو ته هو پڪو مسلم ليگي آهي ۽ عوامي ليگ سان هن جو ڪو واسطو ڪونهي.

مسلم ليگ اها سياسي پارٽي آهي جنهن 1947ع ۾ پاڪستان بنايو هو.

مولانا، فوج وارن کي راضي ڪرڻ لاءِ ڏاڍو ماندو ٿي ڏٺو. هن چيو ”يقين رکو ته مان ويهن منٽن ۾ سٺ ماڻهو آڻي حاضر ڪندس ۽ جي مون کي ٻن ڪلاڪن جي مهلت ڏيندا ته ٻه سَوُ جٽا وٺي ايندس.“

مولانا سعيدالحق زبان جو اکر ٻه اکر سچو نڪتو. اسان ميجر جا مهيا ڪيل کي ناريل جي پاڻيءَ جا گلاس اجا ختم ئي ڪونه ڪيا ته پري ڪان نعرن جا آواز ڪنن تي پيا:

”پاڪستان زنده باد“، ”پاڪستاني فوج زنده باد“، ”مسلم ليگ زنده باد“.

ويرم ئي ڪين گذري ته پنجاهه کن ماڻهن جو جلوس، وڻ وڻ جي ڪاني، اسان کي نظر آيو. ان ۾ ٻڍا، ٻار ۽ ڪمزور شخص شامل هئا. سيني جي هٿن ۾ جهندا هئا ۽ پوريءَ طرح گلو ڦاڙي نعرا هڻي رهيا هئا. جاويد مون کي اک پڳي.

ڏسندي ڏسندي هن مجموعي عام جلسي جي صورت اختيار ڪئي. ڪم ٺپائو تقرير ڪندڙن جي فهرست تيار ڪئي ويئي.

پهرين محبوب رحمان کي اڳتي ڌڪيو ويو. هن فوج جي آجيان ۾ تقرير ڪئي ۽ پنهنجي ڏيٺ ويٺ هنن لفظن ۾ ڪرائي: ”ايف ايف ڪاليج ۾ انگريزيءَ ۽ عربيءَ جو پروفيسر ۽ تاريخ جو ماهر ۽ موت تائين مسلم ليگ جو ميمبر.“

ان ڪان پوءِ هن جوشيلي تقرير ڪئي ”پنجابين ۽ بينگالين پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ اتحاد ڪيو هو، ۽ اسان جون پنهنجون روايتون ۽ سپيتا هئي. مگر هندن ۽ عوامي ليگ وارن جي پڙڪائڻ ڪري اسين گمراهه ٿي ويا هئاسين. هاڻي

Gul Hayat Institute

خدا جو شڪر آهي جو پنجابي سپاهين اچي اسان کي بچايو آهي. هو دنيا ۾ بهترين سپاهي آهن ۽ انسانيت جا خيرخواهه. اسان هنن کي دل ۽ جان سان عزت ڏيون ٿا ۽ پيار ڪريون ٿا . . . .“

۽ ساڳئي لهجي ۾ پنجابين جي ساراهه جا ڍڪ پريندو رهيو.

”جلسي“ جي خاتمي کان پوءِ مون ميجر کان پڇيو تہ هن جو ان تقرير جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟“

”اسان جي مقصد لاءِ ڪافي آهي“ هن چيو ”مگر مان ان حرامزادي تي اعتبار ڪري نہ ٿو سگهان، مان هن کي پنهنجي فهرست ۾ ٿو شامل ڪريان.“

اوڀر بنگال جي پيڙا ختم ڪونہ ٿي آهي. شايد حالتون اجا بدتر ٿين. لشڪر پنهنجي ڪاروائي ايستائين جاري رکڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي جيستائين مڪمل طرح ”صفائي“ ٿي وڃي. اجا تہ رڳو اڌ ڪم پورو ٿيو آهي.

فوج جون بہ ڊويزنون نائين ۽ سورهين، بينگالي باغين ۽ هندن کي سيڪت ڏيڻ لاءِ، اولهہ پاڪستان مان اماڻيون ويون. هي وڏي جانبازي ۽ جاکوڙ جو ڪم هو، خاص ڪري پاڪستان جهڙي محدود وسيلن واري ملڪ لاءِ 25 هزارن کان وڌيڪ ماڻهن کي اولهہ مان اوڀر نيو ويو. 28 اپريل تي هنن کي تيار ۽ رواني ٿيڻ واسطي 38 ڪلاڪ ڏنا ويا. هو کاريان ۽ ملتان مان ريل رستي ڪراچيءَ آندا ويا. هنن کي فقط هلڪو بسترو ۽ جنگي سامان جو ننڍو ٿيلهو ساڻ هو. ٻيو جنگي سامان سامونڊي جهاز رستي اچڻو هو.

فوج پي آءِ اي جي هوائي جهازن رستي ڍاڪا اڏائي ويئي، مسافرن ڪٽڻ جو ڪم مهمل ڪري ست بوئنگ هوائي جهاز هن ڪم ۾ رُنيايا ويا، چوڏهن ڏينهن لاڳيتو، هي جهاز لنڪا رستي فوج ڪٽندا رهيا، ڪن پاڪستان ايئر فورس جي هوائي جهازن بہ هن ڪم ۾ مدد ڪئي.

پهچڻ سان ئي، ايسٽرن ڪمانڊ جي 14 ڊويزن کان هٿيار ونئي، هنن پنهنجي ڪاروائي شروع ڪري ڇڏي. نائين ڊويزن ڪوميلا ۾ مقرر ڪئي ويئي، جيئن اوڀر واري سرحد تي چوڪسي ڪري ۽ باغين ۽ هنن جي رسد جي چرپر کي ٻنجو ڏئي.

16 ڊويزن کي جيسور موڪليو ويو جئن پرڳڻي جو اولهہ وارو طرف سنڀالي.

مئي جي ٽئين هفتي تائين هي سارو بندوبست مڪمل ٿي ويو.

Gul Hayat Institute

هاڻي باقي رهيل باغي، جي پارت پڄي نہ سگهيا هئا، سي باه ۾ لوهہ جي چنبي ۾ ڦاسي پيا آهن. فوج جي ٻن ڊويزنن پنهنجي خوني ڪاروائي شروع ڪري ڇڏي آهي. ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ ڪوبہ هندستان پڄي ڪونہ سگهندو ۽ ساري خلق پرڳڻي جي وچ ۾ پناهہ ڳوليندي، جتي پاڪستاني فوج هنن جون قيمون بنائيندي رهندي.

20 اپريل تي نائين ڊويزن واري ڳلن جي عاشق ڪرنل بيگ ويچاريو هو تہ هي ”صفائي ڪرڻ“ واري ڪاروائي بہ مهينا ڪن وٺندي. پر هينئر جون جي وچ ڌاري اهو ڏسجي رهيو هو تہ اها رٿا غلط ثابت ٿي رهي هئي. باغي، گوريلن واريون ڳوهيون استعمال ڪري رهيا هئا ۽ سولائيءَ سان فوج جي هٿ نہ ٿي آيا. ڇڙوڇڙ هوندي ۽ بنا ڪنهن ظاهري تنظيم جي باوجود بہ هي باغي، پاڪستاني لشڪر کي ٽوٽا چٻائي رهيا هئا. هنن جو خاص طريقو هو اچ وڃ جا ذريعا يعني رستا، پليون ۽ ريلون تباهہ ڪرڻ، جنهن ڪري فوج چرپر کان بيوس ٿي پوندي هئي.

نائين ڊويزن بري طرح ناڪامياب ويئي آهي ۽ هاڻي تہ چوماسو شروع ٿيڻ وارو آهي، ۽ ڪڪرن جا ڪڙڪاٽ رهندا، جنهن ڪري لشڪر کي ٿي مهينا پنهنجي ڪاروائي بند ڪرڻي پوندي.

مئي جي ٻئي هفتي ۾، پاڪستان جي حڪومت چين کان مينهوڳي مند لاءِ نوَ جنگي ٻيڙا حاصل ڪيا آهن. وڏيڪ پوءِ ايندا. هنن ٻيڙن ۾ بي انت بارود ڀريل آهي. هي مينهن وسندي اهو ڪم ڏيندا جو هوائي فوج هوا مان ۽ ميداني فوج ميدان مان پئي ڪيو، ۽ جي برسات پوڻ ڪري بيڪار ٿي ويون هيون.

ان ڪانسواءِ ڪيئي ديسي ٻيڙيون بہ هٿ ڪيون ويون آهن. انهن کي جنگي سازو سامان سان پري تيار ڪيو ويو آهي. هاڻي فوج پاڻيءَ ذريعي باغين جو پيڇو ڪندي.

Gul Hayat Institute

## اوپر بينگال کي بيٽڪ بنائڻ

ڏڪار جو انديشو آهي، ڇو تہ اچ وڃ جا ذريعا تباهہ ٿي ويا آهن. رواجي حالتن ۾ اوپر پاڪستان جي 23 ضلعن مان 17 ۾ اناج جي کوٽ رهندي آهي، ان ڪري چانور ۽ ڪڻڪ ٻين هنڌان هتي پهچايا ويندا آهن. هن سال گهرو لڙائيءَ ڪري اهو ممڪن نہ آهي. ڇهہ وڏيون پليون ۽ هزارين ننڍيون پليون نابود ڪيون ويون آهن،

جنهنڪري ڪيترن هنڌن تائين پهچي نہ ٿو سگهجي. ساڳيءَ طرح ريل جا رستا بہ تمام گهڻي حد تائين ٽوڙيا ويا آهن، جيتوڻيڪ حڪومت جي اجا بہ دعوا آهي تہ ريلن جو سرشتو بحال آهي.

7 مئي تائين باغين جو فينيءَ تي قبضو هجڻ ڪري، پرڳڻي جو اتريون پاڱو چٽاگانگ جي بندر کان ڪٽيل رهيو. فينيءَ وٽ مڪيہ رستي جو لنگهہ آهي ۽ هڪ ريلوي جي جنڪشن اسٽيشن آهي. هن بربادي‌ءَ ڪري اناج جي چرپر محال آهي. صرف درياهن ۾ ٻيڙين جو ذريعو آهي، پر ان ذريعي بہ سڄو ڪم ٿي نہ ٿو سگهي.

بہ ڳالهيون ٻيون بہ ڳڻڻ جهڙيون آهن. هڪڙي، وڏي پيماني تي ذخيري اندوزي. ڪن واپارين ڏڪار جو اندازو ڪري اَنُ لڪائڻ شروع ڪيو آهي. ان ڪري بہ اٽاٽ تي ويئي آهي. ٻي ڳالهہ تہ پاڪستان جي حڪومت پڌري پر قحط جو خطرو تسليم نہ ٿي ڪري.

18 اپريل تي فوجي گورنر ليفٽيننٽ جنرل ٽڪا خان، ريڊيو تان تقرير ڪندي غذا جي اٽاٽ جي انديشي جو ذڪر ڪيو هو، پر ان کان پوءِ حڪومت هر طرح ان حقيقت کي دٻائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. ان جو سبب هي آهي تہ جي ملڪ ۾ ڏڪار جو اعلان ڪيو ويو تہ عالمي امداد جو سلسلو شروع ٿي ويندو، ۽ ٻين ملڪن جا عيوضي ان امداد جي ورڇ جي سلسلي ۾ ملڪ اندر آٽا پوندا. اهڙي حالت ۾ هي جو اندوهناڪ ڪوس ڪرايو ويو آهي، سو لڪائڻ ناممڪن ٿي پوندو. ان ڪري بکيا پلي پلي موت جو شڪار ٿيندا رهن جيستائين "صفائي ڪرڻ" جي مهم وڃي پوري ٿئي.

تازو ڪراچيءَ ۾، نريل هوا واري ڪمري اندر ويهي، زرعي ترقي بئنڪ جي چيئرمين مسٽر قرني صاف صاف چئي ڏنو تہ "ڏڪار هنن جي ڪرتوتن جو نتيجو آهي. تنهنڪري پلي پيا مرن. شايد ان نموني بينگالين جو هوش جاءِ اچي."

اوير بنگال جي حڪومت جي نيتي اهڙي تہ ڦرندڙ گهرندڙ ۽ ٻي مقصد آهي، جو اهو انومان ڪڍڻ غلط نہ ٿيندو تہ پاڪستان جي حاڪمن ۾ ارادي جي پختگي نہ آهي. زور ۽ زبردستيءَ جي راهہ اختيار ڪرڻ جي شروعاتي غلطي ڪرڻ کان پوءِ، ضد ۽ بيعقليءَ تي قائم رهي حڪومت معاملي کي منجهائي رهي آهي.

هيءَ ڳالهہ وڌيڪ صاف ڪجي ٿي:

هڪڙي طرف، دهشت انگيزيءَ ۾ ڪمي ڪانہ ٿي آندي وڃي. اوير بينگال ۾ ڏنڊي جي زور تي ماڻهن کي مات ڪرڻ جي نيتيءَ تي عمل ڪيو پيو وڃي. ان

Gul Hayat Institute

ڪري روز روز حڪومت جا نوان نوان دشمن پيا پيدا ٿين ۽ علحدگيءَ جي لاڙي ۾ پيو اضافو ٿئي.

ٻئي طرف، ڪابہ حڪومت ان ڪان بيخبر ٿي نہ ٿي سگهي تہ هيءَ نيتي ضرور ناڪامياب ٿيندي. اولهہ پاڪستاني ايترا آهن ئي ڪونہ جو بينگالين جي هيڏي وڏي تعداد کي قابو ۾ رکي سگهن.

انتظامي ۽ اقتصادي سببن ڪري ۽ ٻاهرين مدد خاص ڪري آمريڪا جي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ ملڪ ۾ جلد ڪان جلد سياسي ناهہ ٿئي. صدر يحيا خان کي بہ انهن ڳالهين جي اهميت جو احساس آهي، ان ڪري 25 مئي واري پريس ڪانفرنس ۾ هن چيو تہ جون جي وچ ڌاري هو چونڊيل عيوضين جي حڪومت ٺاهيندو.

ظاهري طرح هي ڳالهيون هڪ ٻئي جي ابتڙ پيون ڏسجن، پر واقعي ئي ائين آهي ڇا؟

منهنجو پنهنجو خيال آهي تہ حڪومت جي نيتيءَ ۾ تضاد ڪونهي. مون کي پنهنجي سر اهو ڏسڻ جو موقعو مليو آهي تہ اڳواٽ اولهہ پاڪستان ۾ ڇا پئي ڪيو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ اوڀر پاڪستان کي بينڪ بنايو وڃي. هي ڪو منهنجو مٿاڇرو خيال نہ آهي پر حقيقتون ان جي تائيد ڪن ٿيون.

فوج جي پهرين مدعا اها رهي آهي تہ ڪنهن بہ حيلي سان اوڀر پاڪستان ۾ علحدگيءَ جي لاڙي جي پاڙ پٽي وڃي. لاڳيتو ڪوس ۽ 25 مارچ کان پوءِ اولهہ ۽ اوڀر پاڪستان ۾ جو ڪجهہ پئي ٿيو آهي، ان جي ثابتي آهن. فوج اهو فيصلو بي قياسيءَ سان ڪيو ۽ ان تي عمل بي قياسيءَ سان ڪري رهي آهي.

جيستائين قتل عام جاري آهي، ايستائين اوڀر پاڪستان جي مسئلي جو ڪوبہ مناسب ۽ پائدار سياسي حل ممڪن نہ آهي.

Gul Hayat Institute

مکيہ سوال آهي تہ هي عام ڪوس بند ٿيندو؟

ان سوال جو فوجي جواب ميجر جنرل شوڪت رضا نائين ڊويزن ڪوميلا جي ڪمانڊنگ آفيسر ڪان 16 اپريل تي ٻڌم. چيائين:

”اسان هي انتهائي ۽ خرچ طلب قدم هرويرو ڪونہ ڪنيو آهي. اسان جي سامهون هڪ مقصد آهي، اسان اهو پورو ڪنداسين. ان کي اڌورو ڇڏي وري سياستدانن جي حوالي ڪين ڪنداسين تہ هو ٻيهر ساڳي گڙٻڙ پيدا ڪن. لشڪر هر ٽئين چوٿين سال هن ڪم لاءِ ڪونہ پيو ايندو. ان کي ٻيو وڏيڪ اهم ڪم بہ

ڪرڻو آهي. مان يقين سان ٿو چوان تہ اسان جڏهن هي هٿ ۾ ڪنيل ڪم پورو ڪنداسين تہ وري اهو مسئلو ڪڙو ئي ڪونہ ٿيندو.“

هي هڪ ذميوار آفيسر جي گفتگو آهي. مان جيڪي ڏهہ ڏينهن اوڀر بينگال ۾ هوس، تنهن دوران مون بين فوجي عملدارن کي بہ ساڳين خيالن جو اظهار ڪندي ٻڌو. صدر يحيا خان کي خبر آهي تہ جيڪي ماڻهو فوج جي اڳواڻي ڪن ٿا سي ئي هينئر پاڪستان جي قسمت جا مالڪ آهن.

جنهن نموني سارو لشڪر ڀرپور وار سان ڪاروائي ڪري رهيو آهي، تنهن مان ظاهر آهي تہ ان جو مقصد ڪو معمولي نہ آهي. ان جا نتيجا تمام گنڀير ۽ دور رس ٿي سگهن ٿا.

## لشڪر جو پڪو پهہُ

لشڪر کي بہ ڀاري قيمت ادا ڪرڻي پيئي آهي. هنن جا بي انت ماڻهو مئا ۽ ڦٽيا آهن. ڍاڪا ۾ خانگي طرح ٻڌڻ ۾ آيو تہ سپاهين کان وڌيڪ آفيسر اجل جو شڪار ٿيا آهن، ۽ هن مهل تائين اوڀر بينگال ۾ فوج جي مئلن جو تعداد، ان تعداد کان زيادہ آهي، جيڪي سيپٽمبر 1965ع ۾ ڀارت سان لڙائيءَ دوران مئا هئا.

فوج اهي چيزون، سياسي پختگيءَ جي بي معنیٰ نعرن لاءِ ”قرباني“ سمجهي نظرانداز نہ ڪندي.

هن منزل تي فوجي ڪاروائي بند ڪرڻ ٿيندو وڌيڪ مصيبتون ڳنهڻ. باغي ڇڙيا وينا آهن، ۽ ٻنهي طرف نفرت جو پهاڙ اٽل آهي. صلح ۽ ناهہ جو سوال ئي ڪونہ ٿو اٿي. يا مڪمل فتح يا مڪمل هار. حالتون پاڪستاني فوج جي فائدي ۾ آهن: جو تہ بينگالي باغي ڇڙوڇڙ، غيرمنظم ۽ بي هٿيار آهن. وچ ۾ ٻيون غيرملڪي وڏيون طاقتون ٽپي پون تہ بي ڳالهہ آهي، پر حاضر حالتن ۾ پاڪستاني فوج کي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ گمان جي گنجائش نہ هجڻ گهرجي. اهو ئي سبب آهي جو هو پنهنجو جاني نقصان بہ درگذر ڪري رهيا آهن.

اوڀر بينگال ۾ فوجي ڪاروائي تي ڳاٽي ڀڳو خرچ برداشت ڪرڻ بہ ڏيکاري ٿو تہ حڪومت هن ڏس ۾ پختو ارادو ڪري چڪي آهي ۽ ان سيڙپ مان ان کي پوري موٽ جي اميد آهي. پنجويهہ هزار سپاهين کي، هوا ذريعي اوڀر بينگال پهچائڻ ڪو چرچو ڪونہ هو. اهو هڪ وڏي جوکي وارو ۽ خرچ طلب ڪم هو. فوج

Gul Hayat Institute

جون اهي ٻہ ڊويزنون، نائين ۽ سورهين، اولهہ پاڪستان ۾ آئيءَ ويل لاءِ رکيل لشڪر هو. ان جي جاءِ پرڻ لاءِ نئين ڀرتيءَ تي ٻہ موتمار خرچ ڪيو پيو وڃي.

چين جنگي سامان مهيا ڪيو آهي، جو ڪاراڪورم شاهراهہ رستي آندو پيو وڃي. پر هاڻي ان ۾ ٻہ ڪمي ايندي پئي وڃي. شايد چين پنهنجي ان عمل تي ٻيهر ويچار ڪيو آهي ۽ پاڪستان جي حڪومت کي هٿيار ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو آهي.

پر پاڪستان گورنمينٽ پرڏيهي ناڻي مان روڪ پيسا ڏيئي، يورپ مان هٿيارن جا انبار خريد ڪري رهي آهي.

ڍاڪا، راولپنڊي ۽ ڪراچيءَ ۾ بالا فوجي عملدارن سان گفتگوءَ مان ان ڳالهہ جي تصديق ٿئي ٿي تہ هنن جي خيال ۾ مسئلي جو حل اوڀر پاڪستان ۾ فوجي ڪاروائي تيز ڪرڻ ۾ آهي ۽ نہ اتان ”نڪري وڃڻ“ ۾. ملڪ جي ٻين مڙني خرچن ۽ رٿائن کي پاسيرو رکي، هن فوجي مهم کي ترجيح ڏني پيئي وڃي. سڀ ترقيءَ واريون رٿائون ترڪ ڪيون ويون آهن.

ٿوري ۾ ائين چئجي تہ فوجي حڪومت اهو اعلان ڪري چڪي آهي ۽ اُها اهو ڪري ڏيکارڻ ٿي چاهي تہ پاڪستان جي سياسي مونجهاري جو حل فوجي ڪاروائي ۾ آهي. صدر يحيا خان چيتي جي پٺيءَ تي سوار آهي، پر هو سوچي سمجهي پوءِ ان تي سوار ٿيو آهي.

تنهنڪري فوج، اوڀر پاڪستان تان هٿ ڪڍڻ واري ناهي. ايسٽرن ڪمانڊ جي آفيسرن سان بحث مباحثي دوران، مون حڪومت جو اوڀر بينگال جي باري ۾ نيتيءَ جي هيٺين فقرن جو انومان ڪڍيو:

(1) بينگالين پاڻ کي اعتبار جوڳا ثابت نہ ڪيو آهي، ان ڪري هنن تي اولهہ پاڪستانين جي حڪومت هلڻ گهرجي.

(2) بينگالين کي وري اسلام جي صحيح تعليم ڏيڻ جي ضرورت آهي، جيئن هو پاڪستان کان ڌار ٿيڻ جي جذبي کان باز اچن ۽ اولهہ پاڪستان سان مضبوط مذهبي ناتا ڳنڍين.

(3) جڏهن هندن جي موت يا پاڃ ڪري، هي ملڪ هندن کان خالي ٿيندو، تڏهن هنن جون ملڪيتون ڌتڙيل وچين ڪلاس وارن کي ڏيئي، هنن جي دلين کي جيتبو ۽ هنن کي پنهنجي پاسي ڪبو. ان طرح هن پرڳڻي جو سياسي ۽ انتظامي پيڙهو پختو بنائي سگهبو.

انهيءَ نيتيءَ تي وڏي واڪي عمل ڪيو پيو وڃي.

Gul Hayat Institute

بلوي جي ڪري حالي ڪنهن بہ بينگاليءَ کي ملڪي بچاءَ جي مقصد خاطر پرتي نہ ڪيو ويندو. هوائي فوج ۽ ساموندي فوج جا وڏا آفيسر، جن ڪنهن بہ قسم جي شڪايت جو موقعو نہ ڏنو آهي، تن کي بہ خبرداري ڪري ڪنهن بہ ويڙهہ واري ڊيوٽيءَ کان پري رکيو ويو آهي. بهترين بينگالي هوابازن کي غيرضروري زميني ڪم تي لڳايو ويو آهي. بيو تہ ٺهيو پر هنن کي پي آءِ اي جي جهازن کي بہ هٿ لڳائڻ نہ ٿو ڏنو وڃي.

ايسٽ پاڪستان رائيفلس جنهن ۾ بينگالي فوجي هئا، تنهن کي بغاوت جي شروعات ۾ ئي ختم ڪيو ويو هو. ان جي جڳهہ تي ”شهري بچاءَ جي تنظيم“ ناهي ويئي آهي جنهن ۾ رڳو بهاري ۽ اولهہ پاڪستاني رضاڪار پيا پرتي ڪيا وڃن. هنن کان پوليس جو ڪم بہ ورتو پيو وڃي. انهن کي سڪيا ڏيڻ وارا اولهہ پاڪستاني آفيسر آهن. پوليس سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيو ويو سو فوجي پوليس جو ميجر هو.

سوين اولهہ پاڪستاني سرڪاري ملازم، ڊاڪٽر ۽ ريڊئي، ٽيليويزن، ٽيليگراف ۽ ٽيليفون جا ڪريگر اول ئي اوير پاڪستان موڪليا ويا آهن ۽ بين کي بہ تڪڙي ترقي جي وعدن تي هيڏانهن اچڻ واسطي هرڪايو پيو وڃي. ساڳئي وقت صدر يحيا اهو بہ حڪم جاري ڪيو آهي تہ ڪنهن بہ ڪاموري کي سندس مرضيءَ جي خلاف بہ پاڪستان جي ڪنهن بہ حصي ۾ بدلي ڪري سگهجي ٿو.

## يونيورسٽين پنيان ڪات ڪهاڙا

مون کي ٻڌايو ويو تہ آئيندي اوير بينگال ۾، ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنر يا بهاري مقرر ڪيا ويندا يا اولهہ پاڪستاني. ڊپٽي ڪمشنرن بابت چيو ويو تہ هو عوامي ليگ جي علحدگيءَ جي هلچل جا پورا پورا همدرد هئا. ڪن حالتن ۾ هو پڪڙيا ويا ۽ هنن کي شوٽ ڪيو ويو، جئن ڪوميلا جو ڊپٽي ڪمشنر. هي آفيسر فوج جي ڪاوڙ جو تڏهن شڪار ٿيو جڏهن 20 مارچ تي هن پيٽرول مهيا ڪرڻ کان انڪار ڪندي چيو تہ ”جيستائين شيخ مجيب رحمان وٽان پروانو نہ آٽيندا، تيستائين ڪين ڏيندس.“

حڪومت يونيورسٽين ۽ ڪاليجن پنيان بہ ڪات ڪهاڙا ڪٽي پيئي آهي. اهي سازشن جا اڏا سمجهيا وڃن ٿا. ڪيترائي پروفيسر جان بچائي ڀڄي ويا آهن. ڪجهہ قتل ڪيا ويا آهن. هاڻي انهن جي جاءِ اولهہ پاڪستانين سان پري ويندي.

Gul Hayat Institute

سوِل ۽ پرڏيهي ڪاتن مان بہ بينگالي عملدارن کي تيڙ ٻڌرايا پيا وڃن. سيني تي ڪڙي نگاھ رکي پيئي وڃي.

حڪومت جي بينڪ بنائڻ واري رٿا جي رفتار، هنن جي اميدواري رفتار جي اڌ جيتري بہ ڪونہ آهي. ان جي چٽي ثابتي، مون کي ڪوميلا جي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ميجر آغا وٽان معلوم ٿي. هن کي گڙٻڙ ۽ ڌنل ۽ تباھ ٿيل رستن ۽ مورين جي مرمت لاءِ بينگالي انجنيئرن کان ڪم وٺڻ ۾ دشواري درپيش اچي رهي هئي، هي ڪم ڪاغذي ڪاروائيءَ جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاٿو پيو هو ۽ مرمت جو ڪم ڪونہ ٿي سگهيو هو. آغا کي تہ ان جي ڪارڻ جي ڪَلَ هئي. ”هنن مان ڪم جي اميد رکي نہ ٿي سگهجي“ هن چيو. ”خاص ڪري ان صورت ۾ جڏهن هنن جا ماڻهو ماريا پيا وڃن ۽ هنن جو ملڪ برباد ڪيو پيو وڃي، گهٽ ۾ گهٽ هنن جو تہ نظريو اهو ئي آهي، ۽ ان ڪري اسين پيا پوڳيون.“

بلوچ ريجمينٽ جو ڪئپٽن دراني، جو ڪوميلا هوائي اڏي جي چوڪسي ڪندڙ ٽوليءَ جو مهندار هو، تنهنجو مسئلو حل ڪرڻ جو پنهنجو نمونو هو. هن چيو ”هي بينگالي جيڪي ڪنٽرول ٽاور تي مقرر آهن، تن کي منهنجي تنبيهہ آهي تہ هنن ڪابہ شڪ ڀري چرپر ڪئي تہ هنن کي هڪدم شوٽ ڪيو ويندو.“

دراني پنهنجي ان قول تي قائم بہ رهيو هو. ٻہ چار راتيون اڳ هڪ بينگالي جيئن ئي هوائي اڏي کي ويجهو اچي رهيو هو تہ هڪدم هن کي بندوق جو نشانو بنايو ويو. هن چيو ”هو باغي بہ ٿي سگهيو ٿي“. درانيءَ کي ٻي بہ هڪ ڳالھ تي فخر هو. هن پنهنجي هٿ سان سٺ کان وڌيڪ ماڻهو ماريا هئا. اهو ان وقت جڏهن هو هوائي اڏي جي آسپاس وارن ڳوٺن کي ”پاڪ“ ڪري رهيو هو.

اوڀر پاڪستان کي ڪالوني بنائڻ واري اڻ وڻندڙ حقيقت جي ڪمال بي حيائيءَ سان پردي پوشي پئي ڪئي وڃي. صدر يحيا ۽ ليفٽيننٽ جنرل ٽڪا خان، اوڀر پاڪستان ۾ پنهنجي ڪارنامن جي سياسي پنيرائي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا پئي رهيا آهن. نتيجو ڪو خاص تسلي بخش نہ نڪتو آهي. هيل تائين جنهن قسم جي ماڻهن جو سهڪار حاصل ڪيو اٿن تن ۾ هي شخص شامل آهن: مولوي فريد احمد ڍاڪا جو بينگالي وڪيل، فضل قادر چوڌري، ۽ جماعت اسلاميءَ جو پروفيسر غلام اعظم. هي مڙئي اهڙا سياستدان آهن، جي گذريل ڊسمبر وارين چونڊن ۾ ذليل شڪست کائي چڪا آهن.

Gul Hayat Institute

هن مدعا لاءِ مکيہ شخصيت جا سامهون آئي آهي، اها آهي مسٽر نورالامين. هي پراڻو مسلم ليگي ۽ هن پرڳڻي جو اڳيون وڏو وزير آهي. هي انهن ٻن غير عوامي ليگين مان هڪ آهي، جي قومي اسيمبليءَ جا ميمبر چونڊيا آهن. هن جي عمر 75 سال کن آهي. مگر هن پڻ خبرداريءَ کان ڪم وٺي ڪليءَ طرح بيان نہ ڏنو آهي. هن اڄ تائين بہ بيان ڏنا آهن ۽ ٻئي فقط "هندستاني دخل اندازي" جي باري ۾ آهن.

بينگالي انهن کي حقارت جي نگاهہ سان ڏسن ٿا، جي حڪومت سان سازباز ڪن ٿا. فريد احمد ۽ فضل قادر کي تہ خاص اهو احساس آهي. فريد احمد پنهنجي گهر جا در ۽ دريون خاص خبرداريءَ سان بند رکندو آهي ۽ جڏهن ڪو در کڙڪائيندو اٿس، تڏهن در جي ٿنگ مان پهرين پڪ ڪندو آهي تہ هو سڄاتل ۽ سڃڻ آهي، تنهن کان پوءِ در جي ڪُنڊي لاهيندو آهي.

تمام بيجا طريقن سان حڪومت فقط 31 قومي ۽ صوبائي عوامي ليگي ميمبرن کان زبردستيءَ رضامندي وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي. هنن کي ڍاڪا ۾ نظرداريءَ هيٺ ۽ الڳ رکيو پيو وڃي، جئن هو پنهنجي ڪٽنبن کان سواءِ ڪنهن ٻئي سان ملي نہ سگهن، ايستائين، جيستائين "نمائندي حڪومت" نهي. پر صاف ظاهر آهي تہ هو پنهنجو پاڻ کانسواءِ ڪنهن جا بہ نمائندا ڪونہ آهن.

درزي عبدالباري، جو خوشقسمتيءَ سان بچي ويو، 24 سالن جو آهي. ساڳي پاڪستان واري عمر. فوج، پنهنجي ڏاڍائيءَ سان ملڪ کي ڳنڍيل رکي سگهي ٿي. مگر جو ڪجهہ اوڀر بينگال ۾ ڪيو ويو آهي، ان سان انهن ماڻهن جو خواب ٽٽي چڪو آهي، جن 1947ع ۾ سمجهيو هو تہ هو ٻن برابر حصن واري مسلم رياست جو بنياد وجهي رهيا آهن. هاڻي ڪو عرصو اولهہ ۾ پنجابي ۽ اوڀر ۾ بينگالي پاڻ کي هڪ ئي قوم جا هڪجهڙا شهري ليکي نہ سگهندا.

بينگالين جو مستقبل اونداهو آهي: بينڪ جي فاتحن جي غلامي.

Gul Hayat Institute

# رت جي هولي

(نيوزويڪ، 28 جون 1971ع)

جڏهن کان گذريل مارچ ۾ پاڪستان ۾ گهرو لڙائي ڇڙي آهي، تڏهن کان صدر يحيا خان انهيءَ ڳالهه تي ويهن ئي نهن جو زور لڳايو آهي ته جئن پاڪستاني فوج جا، آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ بينگالين تي ظلم ۽ زبردستيءَ جون خبرون ٻاهرين دنيا تائين پهچي نه سگهن. گهڻن پرڏيهي خاطن جي اوپر پاڪستان ۾ موجودگيءَ تي بندش وڌي ويئي آهي. رڳو اهي اولهه پاڪستاني خاطو، سرزمين تي سڏايا ويا، جن لاءِ هنن کي پڪ هئي ته پنهنجي ملڪ جي عوام کي هو هن بغاوت جي باري ۾ فقط اهي خبرون ڏيندا جي حڪومت جي حق ۾ هونديون. مگر گهٽ ۾ گهٽ هڪ مثال ۾ هنن جي اها اميد برثواب ڪونه ٿي.

اهو مثال هو ائنٿوني مسڪارينهاس جو. هي ڪراچيءَ جو اخباري نمائندو ۽ ساڳئي وقت لندن سنڊي ٽائيمس لاءِ به لکندو آهي. هو بينگال ۾ ٽيل گهٽنائون ڏسي ايترو گهٻرائجي ۽ خوفزده ٿي ويو، جو پنهنجي ٻارن ٻچن سميت هوائي جهاز رستي لندن ڏانهن کسڪي ويو ۽ پنهنجي پوري ڪهاڻي لنڊن ٽائيمس ۾ شايع ڪرائي اٿائين.

هن جو چوڻ آهي ته هن ڪيترن ئي شهري ۽ فوجي عملدارن کي بار بار اهو چوندي ٻڌو ته هنن جو اهو پڪو پهه آهي ته جيستائين هو باغين جي پاڙ نه پٽيندا تيستائين هتان نه هٽندا، پوءِ هنن کي ائين ڪرڻ لاءِ ويهه لک ماڻهو به قتل ڇو نه ڪرڻا پون؛ ۽ پاڪستاني فوج حرف بحرف ان تي عمل ڪري رهي آهي.

اوير پاڪستان ۾ وهندڙ رت جي ندين جي تصديق انهن اخبار جي خاطن ۽ بين ماڻهن به ڪئي آهي، جن انهن دهشت زده ۽ ڏتڙيل سٺ لک بينگالين کي ڏٺو آهي، جن پاڪستان مان ڀڄي، هندستان ۾ اچي پناه ورتي آهي.

نيوزويڪ جي خاطوءَ، ٽوني ڪلفٽن، جنهن تازو سرحد وٽ هندستان ۾ انهن پناهگيرن جي حالت روبرو وڃي ڏٺي، تنهن هيٺين رپورٽ موڪلي آهي:

هندستان ۽ پاڪستان جي سرحد وٽ، اسپتالون ۾ ڪئمپون ڏسڻ واري کي يقين ڪرڻو ٿو پوي ته پنجابي فوج ظالم فوج آهي. مون اهي ٻارڙا ڏٺا جن کي شوٽ ڪيو ويو آهي، اهي مرد ڏٺا جن جي پنيءَ جو چم ڇهبڪن سان چيريو ويو

آهي، اهي پيءُ ماءُ ڏنا جي پنهنجي ٻارن کي پنهنجي اکين آڏو قتل ٿيندو ڏسي ۽ پنهنجي نياڻين جي عصمت دري ٿيندي ڏسي پاڳل ٿي پيا آهن. مون کي پڪ آهي ته اوير پاڪستان ۾ ڪيئي هلاڪو خان ۽ چنگيز خان پيدا ٿي پيا آهن.

منهنجو شخصي رد عمل عجب جو هو. عجب ان ڳالھ تي ته انسان ايتري حد تائين ڪيئن وحشي ٿي سگهي ٿو.

## ڪوس

هڪ ننڍڙي شرميلي ڇوڪري، جنهن جي بدن تي ڳاڙهن ۽ ساون گلن وارا ڳاڙها ليڙون ليڙون ٿيل ڪپڙا پيل هئا، تنهنجي آتم ڪهاڻي خاص طرح دردناڪ ۽ دهشت انگيز آهي. هوءَ ته هڪ بيضرر ننڍڙي هئي، ڪنهن کي نقصان پهچائي نه ٿي سگهي. پر تڏهن به هن کي نه ڇڏيو ويو. مان جڏهن ڪرشن نگر جي اسپتال ۾ هن کي ڏٺو، تڏهن هوءَ ڦٽيل حالت ۾ ٻين ڦٽيلن سان گڏ پيئي هئي. هن پنهنجي ڪنڌ وارو زخم جو نشان هٿ سان ڪٽي لڪايو، اهو زخم هڪ پاڪستاني سپاهيءَ هن جو گلو ڪپڻ لاءِ ڪيو هو.

هن مون کي ٻڌايو "مان عصمت آهيان، مرهيات اسحاق عليءَ جي ڌيءُ. منهنجو بابو ڪشتيا ۾ دڪاندار هو. ٻه مهينا اڳ هو صبح جو گهر مان دڪان ڏي ويو ۽ وري اڄ تائين مون هن کي نه ڏٺو آهي. ساڳئي رات مان سمهي پيئي هئس ته پنهنجي گهر ۾ رڙيون ۽ واڪا ٻڌم. اتي وجي ڏٺم ته پنجابي سپاهي هئا. منهنجون چار پينرون پٽ تي ميون پيون هيون ۽ پنهنجي ماءُ جو لاش پڻ ڏٺم. مان اڃا بيني ئي هئس ته هنن منهنجي ڀاءُ کي شوٽ ڪيو. هو سائنس جو گرئجيوئٹ هو. پوءِ هڪ سپاهيءَ مون تي چاقوءَ سان حملو ڪيو. مان زمين تي ڪري پيس ۽ مئل ماڻهوءَ جو مڪر ڪيم. جڏهن سپاهي هليا ويا تڏهن مان اٿي ڀڳس. رستي تي ڪنهن مون کي سهارو ڏيئي سائيڪل تي چاڙهيو ۽ هتي وني آيو."

اوچتو، چڻ ته هوءَ پنهنجي گذريل واردات جو ويچار به سهي نه ٿي سگهي، هوءَ هڪدم ڪونيءَ کان ٻاهر نڪري ويئي.

ڊاڪٽر کان معلوم ٿيو ته هوءَ ٻهرين ڏينهن جڏهن اسپتال ۾ آئي هئي، سڄي پنهنجي ئي رت ۾ ٻڏل هئي.

ڇوڪري وري موٽي اچي منهنجي آڏو بيني. "مان هاڻي ڇا ڪريان؟" هن مون کان سوال ڪيو "مون کي پنج پينر هيون، ڀاءُ هو، بابو ۽ امان هئا. هاڻي

Gul Hayat Institute

منهنجو ڪو ڪونهي، ڪو ڪٽنب ڪونهي، مان يتيم آهيان. مان ڪيڏانهن وڃي ٿي سگهان؟ منهنجو ڇا ٿيندو؟"

"سڀ ٺيڪ ٿيندو" مون بيوقوفن وانگر چيو "تون هتي محفوظ آهين."

مگر هن ڇوڪريءَ جو ڇا ٿيندو ۽ انهن هزارين ڇوڪرن، مردن ۽ ضاعفن جو ڇا ٿيندو جي پاڻ کي گهليندا سهليندا، انهن ڳوٺن کان هتي پهتا آهن جن کي لڳل باهيون، اوپر پاڪستان جي آسمان کي روشن ڪندي، مان روز رات جو ڏسندو آهيان؟

اگرتلا، جو ترپپورا جو مکيہ شهر آهي ۽ سرحد کان فقط اڌ ميل آهي، ان جي اسپتال پاڪستاني لشڪر جي ستايلن سان سٿي پيئي آهي. هڪ ڇئن ورهين جو ڇوڪرو آهي جنهن جي پيٽ ۾ گولي لڳي پر بچي ويو. هڪ عورت آهي جا خالي خالي نگاهن سان اهي گهٽنائون ٻڌائي ٿي تہ: ڪيئن سپاهين سندس اکين آڏو پهرين هن جا ٻہ ٻار ماريا ۽ سندس مٿان گوليون هلايون ان وقت ٽج پياڪ ٻار کي هن پنهنجي سيني سان لڳائي رکيو هو. گولي هن جي معصوم جي پٺي مان پار ٿيندي هن جي ٻانهن مان لنگهي ويئي. اتي جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر دتا ٻڌايو تہ "گولي لڳڻ کان پوءِ هوءَ بيهوش ٿي ويئي. جڏهن هوش آيس تڏهن ٻار سميت گهلجندي گهلجندي سرحد تي پهتي.

هڪ ٻي مائي، جنهن جي هڪ سٽر جو هڏو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويل آهي ۽ پنهنجي تازي ڄاول ٻار کي ٻانهن ۾ پئي لوڏيائين. هن گولين لڳڻ کان پوءِ، سارين جي کيت ۾، وقت کان اڳ هي ٻار ڄڻيو هو. ان هوندي بہ هڪ هٿ سان ٻار کي قابو جهلي ۽ ٻئي هٿ سان ڀڳل ٽنگ گهليندي هتي پهتي هئي.

ڊاڪٽر دتا چيو "مان هنن ماڻهن کان غيرواقف ڪين آهيان. پر هنن کي ايترو سخت جان ڏسي اچرج ٿو لڳيم."

پر ٻيا اهڙا بہ آهن جي مقابلو ڪري نہ سگهيا آهن ۽ صدمو سهي نہ سگهيا آهن. مون کي بہ اهڙا ٻار نظر آيا جي فرش تي پولڙن وانگر هڪ ٻئي سان چنبڙيل هئا. ڊاڪٽر دتا چيو "ٻين پناهگيرن کان معلوم ٿيو تہ هفتو کن اڳ هنن ٻارن وارو ڳوٺ ساڙيو ويو ۽ ان جا سڀ رهاڪو قتل ڪيا ويا، سواءِ هنن ٻن ٻارن جي. هنن کي هتي ڏينهن ٿي ويا آهن پر پتو ڪونہ ٿو پوي تہ ڪير آهن. هنن تي ايتري دهشت طاري آهي جو هو ڳالهائي بہ ڪونہ ٿا سگهن. بس هڪ جڳهہ تي پيا آهن ۽

Gul Hayat Institute

هنن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪرڻ بہ مشڪل مسئلو ٿي پيو آهي. اهو چوڻ محال آهي تہ هو وري ڳالهائي بہ سگهندا يا نہ ۽ هنن جي دماغي حالت درست ٿيندي يا نہ.“

آمريڪا جي ڪانگريس جي ميمبر ڪارنيليس گالهر جو اگرتلا جي اسپتال ڏسڻ ويو، تنهن چيو آهي تہ هو، هندستان اهو ويچاريندي آيو هو تہ ظلم جا داستان وڌاءُ ڪري دنيا کي ٻڌايا ويا آهن، پر جڏهن پاڻ سرزمين تي زخميل وجي ڏٺم تڏهن پڪ ٿيم تہ انهن خبرن ۾ وڌاءُ نہ پر گهٽتاءُ ڪري ٻڌايون ويون آهن.“ هو ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ يورپ ۾ پيئٽن واري محاذ تي ناميارو آفيسر هو. هن مون کي چيو ”مون ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ فرانس جون بدترين جنگي ايراضيون ڏٺيون. نارمنڊيءَ جا قتل گاهہ وغيرهہ. پر مون ههڙا ڀيانڪ نظارا ڪونہ ڏٺا، خبر ناهي تہ مان پاڻ کي ڪيئن رئڻ کان روڪي سگهيو آهيان.“

ٻيا پرڏيهي بہ پهرين اهڙن ظلمن تي اعتبار نہ ڪندا هئا، مگر جدا جدا ذريعن وٽان، ٻي انت ڪهاڻين جي بار بار ٻڌڻ ڪري هنن کي يقين ڪرڻو پيو.

هڪڙو پادري جان هيسٽنگس، جو بينگال ۾ ويهہ ورهيہ رهيو آهي، تنهنجو چوڻ آهي تہ ”مون کي پڪ آهي تہ سپاهين ننڍڙن ٻارن کي هوا ۾ اڇلائي وري سنگينن ۾ پڪڙيو آهي، ۽ ڇوڪرين سان بار بار زوري زنا ڪري هنن جي جنگهن جي وچ ۾ سنگينون ٽنبيون آهن.“

هيءَ ساري وحشانيت ظاهر ڪري ٿي تہ يا تہ پاڪستاني فوج رت جي پياس ۾ چتي ٿي پئي آهي، يا ڪنهن سوچيل ۽ سٿيل دهشت جي رٿا موجب مڙني بينگالين کي مارڻو اٿن.

ان جو معمار فوجي گورنر ليفٽيننٽ جنرل ٽڪا خان پيو ڏسجي. پاڪستان جي صدر کي بہ ٿوري گهٽي سُڌ هوندي، پر هن کي شايد اهو احساس نہ هجي تہ ابهمن کي جيئري جلايو پيو وڃي، نياڻين کي بازاري وٿ بنايو پيو وڃي ۽ ڪٽنبن جا ڪٽنب قتل ڪيا پيا وڃن. هن فوجي گورنر کي بغاوت کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ چيو، ۽ ٽڪا خان ائين برجستائيءَ ۽ بيرحميءَ سان ڪيو آهي. نتيجي طور اوڀر پاڪستان اجا تائين نالي ۾ پاڪستان جو حصو آهي. پر گذريل ٽن مهينن اندر، اولهہ وارن، اوڀر وارن تي جي ظلم ۽ ڏاڍايون ڪيون آهن تن مان پڪ ٿي ٿئي تہ اهو وقت پري ناهي جو پاڪستان بہ ملڪ بنجي وڃي. ۽ هي بہ ملڪ وري ڪين گڏبا. يا گهٽ ۾ گهٽ ايستائين جدا رهندا جيستائين هن ظلم جو شڪار، هي ڏهڪاريل ۽ لولو لنگڙو نسل پنهنجي يادگيرين سميت ختم نہ ٿي وڃي.

❖

# بنگال: هڪڙي قوم جو قتل

(نيوزويڪ، 6 آگسٽ 1971ع)

اها هڪ واجبي وينتي پئي نظر آئي. اوپر پاڪستان جي حلوا گهاٽ ڳوٺ جي ماڻهن کي گڏ ڪري، پاڪستاني لشڪر جي هڪ ميجر چيو ته ”زخمي سپاهين لاءِ فورن رت جي ضرورت آهي، ڇا هو رت جو دان ڏيندا؟“ نوجوان مرد ڪٺن تي سمهي رهيا. هنن جي نسن ۾ سيون ٽنبيون ويون. رت نڪرندو رهيو، نڪرندو رهيو، نڪرندو رهيو، تان جو هنن جا پساهه پورا ٿي ويا.

گووند ڪان اهو ته وسري ويو آهي ته هن کي پهرين ڪنهن اهو چيو، پر جڏهن ٻڌائين ته پناهگيرن کي عام معافي جو اعلان ڪيو ويو آهي، تڏهن هو پنهنجي گهر ڏانهن واپس سفر تي اسريو، پنهنجي ٻن نوجوان نينگرين کي ساڻ ڪري پيرين پنڌ مينهن جو پاڻي ۽ ڪيون جهاڳيندو، سڙيل ۽ سنسان ڳوٺن وٽان ڳهندو هليو. جڏهن پنهنجي زمين جي ٽڪر کي ويجهو پهتو، تڏهن سپاهين هن کي روڪيو. هن جي سامهون هن جي ٻنهي ڌيئرن جي لڄ لٽي ويئي، بار بار، ڪيئي بار.

هن جي عمر ٽي سال ڪن هئي ۽ هن جي ماءُ نوجوان هئي. هو ڪچي زمين تي وينا هئا، جا برسات جي ڪري آلي هئي. ٻار جو پيٽ اڊنگي نموني ڦوڪيل هو، هن جا پير سڄيل هئا. هن جي ٻانهن مرد جي آڱر کان وڌيڪ ٿلهي ڪونه هئي. ماءُ هن کي ريجهائي ڪجهه چانور کارائڻ جي ڪوشش ڪئي. گرهه وات ۾ پيو. هن هڇڪي ڏني ۽ مري ويو.

Gul Hayat Institute

# اوپر پاڪستان: سعيد پور جا گوندا

(دي نيويارڪ ٽائيمس 19 آگسٽ 1971ع)

ليکڪ: ديال اگر والا

سليگري، هندستان: مان رنگپور ضلعي جي سعيد پور شهر ۾ 13 جون تي ٽيل ڪوس مان بچي ويلن مان هڪڙو بدنصيب آهيان. ان شهر ۾ غيربينگالي مسلمانن جي گهڻائي هئي. مان پاڻ کي بدنصيب ان ڪري ٿو ڪوٺيان جو منهنجي برادريءَ جا ڏيڍ سؤ کن ماڻهو ڪسجي ويا، جن ۾ منهنجو پيءُ ماءُ، پائر، پيٽويا، پائٽيا ۽ پائٽيون شامل آهن. انهن مڙني کي پاڪستاني فوج جي گوندن، غيربينگالي پوليس جي مدد سان کهي ڇڏيو.

اهو سڀ ڪجهه تڏهن شروع ٿيو جڏهن 26 مارچ جي رات جو يحيا خان جي لڏي اچي اسان جي گهر جو گهيرو ڪيو. رات جو چئين بجي ويهارو کن سپاهي اسان جي گهر ۾ گهڙي آيا ۽ اچي بابي کي بندوق ڏيکاري گرفتار ڪيائون. منهنجي پيءُ جو نالو تلسي رام اگر والا هو. پوءِ اسان جو سامان هيٺ مٿي ڪري ڦرلٽ ڪيائون. پوٽين پنجين بجي بابي کي وٺي هليا ويا. اسان جو قيمتي وٿون ـ روڪڙ، ڳهه ڳنا، ريڊيو، واچون، ڪپڙا وغيره ساڻ کڻي ويا.

ان کان پوءِ حڪمنامو پڌوسين ته ڪوبه هندو، سعيد پور ڇڏي نه ٿو سگهي. 3 اپريل تي اسان کان زوريءَ مزوري ڪرائي ويئي. حوالدار فتح خان جي نظرداريءَ هيٺ اسان کي صبح جو ستين کان سانجهيءَ جو ستين تائين گارودنگي پل ناهڻ تي پورهيو ڪرڻو پوندو هو. فتح خان جي هٿ ۾ هر وقت چهبڪ هوندو هو، جنهن سان هو اسان کي ڏاڍي بي قياسيءَ سان ڦٽڪا هڻندو هو. هو اسان کي گاريون به ڏاڍيون ڏيندو هو: ”ڪافر جو اولاد“، ”غدار“ وغيره. اسان کان رشوت به وٺندو هو.

پوءِ اسان پاڳ گاڏون پل ۽ هوائي اڏي تي به مزوري ڪئي. 18 مئي رات جو يارهين بجي تر جي گوندن جي ساٺ سان فوج اٺ ماڻهو لڪائي پڄائي ويئي. ساڳيءَ رات انهن کي سنگينن سان خون ڪيو ويو.

6 جون تي اسان کي پوليس جي پهري هيٺ بس تي چاڙهي چانوٽي ۾ آندو ويو ۽ دولاب سان اسي کن هندو مردن، جن جي عمر 12 سالن کان وڌيڪ هئي، تن کي پڪڙي فوجي بنديخاني ۾ بند ڪيو ويو.

Gul Hayat Institute

8 جون تي اسان کي هڪڙي ڪميشن آڏو پيش ڪيو ويو. هنن اسان مان هرهڪ جي متحرڪ ۽ غيرمتحرڪ ملڪيت جي فهرست ناهي. پوءِ ميجر جاويد هينيون سوال ڪيو: ”ڇا توهان هندستان لڏي وڃڻ ٿا چاهيو؟ يا پاڪستان ۾ رهڻ ٿا چاهيو؟ جي پاڪستان ۾ ترسڻ ٿا چاهيو ته پوءِ توهان کي اسلام قبول ڪرڻو پوندو.“ اسان اهڙي سوال کي واهيات سمجهي رد ڪري ڇڏيو.

9 جون تي ميجر جاويد، ڪئپٽن بختيار، محمد قيوم، ۽ محمد زمان اسان جي گهرن ۾ ويا ۽ زالن کي ڌمڪائي چيائون ته: ”جي توهان قيمتي شيون ڇپائڻ جي ڪوشش ڪئي ته توهان جي مڙسالن کي قتل ڪيو ويندو.“ پوءِ هنن گهر ۾ باقي رهيل روڪڙ، زيور ۽ قيمتي وٿون ڦري ورتيون. هنن اسان کان خالي چيڪن ۽ پنن تي پڻ زوريءَ صحيحون ورتيون ۽ اسان جا بئنڪن ۾ پيل زر ۽ زيور به ٽپائي ويا.

13 جون تي، رات جو ٻين بجي، پهريدارن اسان کي جاڳائي، هڪڙي لاريءَ ۾ ڪٽي ڌڪيو. اسان کي سعيد پور ريلوي ٽيشڻ تي آندو ويو. اسان جي ٻارن ٻچن کي به اتي پهچايو ويو هو. سعيد پور پوليس ٿاڻي جي ميجر جمال اسان کي ٻڌايو ته چلهتي دنگ رستي توهان کي هندستان نيو پيو وڃي. اسان کي ڪٽنبن سميت گاڏيءَ ۾ سوار ڪيو ويو. ڪل چار سو مارواڙي، بينگالي ۽ بهاري (هڙئي هندو) هئا. سيني کي غيربينگالي پوليس ۽ فوج جي پهري هيٺ ڇئن گاڏين ۾ واڙيو ويو.

اجا اوندهه هئي. گاڏي، ٽيشڻ کان ميل کن اڳتي هلي بيهي رهي. اتي ماران ڪنر نالي هڪڙو قبرستان هو. اتي سعيد پور جا گونڊا، تلوارون ۽ خنجر کنيو اول ئي تيار بيٺا هئا. وڏيون اونهيون کڏون به کوٽيون ويون هيون ته جئن اسان کي کهي اتي ئي پوريو وڃي.

جئن ئي گاڏي بيٺي ته اهي پنجويهه سپاهي، جي اسان سان گڏ گاڏيءَ ۾ آيا هئا سي بندوقون تاڻي گاڏيءَ جي چوگرد ڦري بيهي رهيا. ٿوري دير کان پوءِ ڪاساين پنهنجو ڪم شروع ڪيو. اسان هراس مان ڏٺو ته چار گونڊا پهرين گاڏيءَ ۾ چڙهي ويا. (اسين ٻئي گاڏي ۾ هئاسين) هنن هڪڙي ماڻهوءَ جا هٿ پير ٻڌا ۽ هن کي پرپرو نيئي، ترار سان هن جي سسي ڪپي ڇڏيائون.

جڏهن مون ستن ڄڻن سان اها ويڌن ٿيندي ڏٺي تڏهن پهريدارن کي شخصي وينتي ڪيم ته مون کي کهڻ بدران شوٽ ڪيو وڃي. هنن مون کي دڙڪو ڏئي

Gul Hayat Institute

ماٺ ڪرڻ لاءِ چيو ۽ ٻڌايو تہ سيني کي ساڳئي نموني ذبح ڪيو ويندو، جو تہ بالا اختياريءَ وارن جو اهڙو فرمان آهي، چاڪاڻ تہ گوليون اهڙيون سستيون ڪونہ آهن جو ڪافرن ۽ غدارن تي ضايع ڪيون وڃن.

ٻيءَ گهڙيءَ اوچتو اسان گاڏيءَ مان ٽپو ڏيئي ڀڄڻ شروع ڪيو. سپاهين انڌاڌنڌ اسان تي گوليون وسائي ڏنيون. اسان بہ ٿڙندا ٿاٻڙندا ڊڪندا وياسين. ٻئي گاڏي ۾ اسي ڄڻا هئاسين، جنهن مان ايڪيهہ ڄڻا جان بچائي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿياسين. اسان هڪڙي ڳوٺ ۾ وڃي پناهہ ورتي ۽ بينگالي مسلمانن جي مدد سان سوا سؤ ميل رستو پيرين پنڌ لتاڙي 20 جون تي هندستان پهتاسين.

(پريو ديال اگر والا، اوير بينگال جو پناهگير آهي، ۽ هنن گهٽنائن کان اڳ، ڀيءُ سان گڏ سٽيءَ جو واپار ڪندو هو.)

❖

# مارشل لا حڪم نمبر 148

## سرڪاري جائداد کي نقصان رسائڻ جي سزا موت

1 ـ ڪوبہ ماڻهو، يا ماڻهن جو ٽولو، جيڪڏهن رستن، ريلواين، واهن، هوائي اڏن، تار ۽ ٽيليفون جي ساز سامان يا ڪنهن بہ سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچائيندو، يا هٿ چراند ڪندو، يا دخل اندازي ڪندو، تہ هن تي قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي، ۽ هن جي وڌ ۾ وڌ سزا موت ٿيندي.

2 ـ اهڙي ڳڙٻڙ واري جڳهہ جي چوڌاري رهندڙ ماڻهو پڻ گڏيل سزا جا حقدار سمجهيا ويندا.

❖

Gul Hayat Institute

# ٻہ لک بينگالي زالون

## سپاهين جون ستايل، مڙسن جون تڙيل

(ٽورنٽو گلوب ائنڊ ميل، 18 جنوري 1972ع)

جنيوا (اي پي) ”اٽڪل ٻہ لک بينگالي زالون، جن سان جنگ دوران، پاڪستاني سپاهين زوريءَ زنا ڪئي هئي، تن کي مسلمان برادريءَ لوڏي ڪڍي ڇڏيو آهي، ۽ هاڻي هنن جو ڪوبہ ڌڻي سائين ڪونهي.“ هي لفظ چيا آهن پادري ڪينٽاروبُما، جو تازو ڍاڪا مان آيو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ ”مسلمانن ۾ رواج آهي تہ هو ان زال کي واپس نہ وٺندو جنهن کي ڪنهن غيرمرد هٿ لاتو هوندو، پوءِ چو نہ ڪٽي ان عورت جي زوريءَ لڄ لٽي ويئي هجي.“

”بنگلاديش جي نئين حڪومت ان رواج کي ٽيجڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.“ هن چيو ”هو مڙسن کي چون ٿا تہ هي زالون مظلوم هيون، ۽ هنن کي قومي سورميون ڪري ليکيو وڃي. ڪن مڙسن پنهنجي زالن کي واپس ورتو آهي، پر اهڙا ڪي ٿورا آهن، تمام ٿورا.“

مسٽر بُما، جو دنيا جي ديولن جي جماعت جي ايشيائي امداد جي ڪم جو سيڪريٽري آهي، تنهن چيو تہ اينڊڙ هفتي هن جي جماعت جنيوا ۾ گڏبي ۽ هنن عورتن لاءِ ڪجھ ڪرڻ جي باري ۾ سوچيندي.

Gul Hayat Institute

# گيت: استاد بخاري

پاڙِي ماڻهو: پاڙي تي جَلاد گهرايون بيٺا هِن،
سورهيہ ماڻهو: ٻيڙيون پايون، سيس سهايون بيٺا هِن.

ڦورُو ماڻهو: سيڪجهه ڦريون پوءِ بہ ڦرڻ لئہ ڦيرا ڏين،
ڦريل ماڻهو: ٻيو تہ ڇڏيو پر ديس ڦرايون بيٺا هِن.

ڪُوڙا ماڻهو: ڪُوڙ نسورو، ايندڙ ويندڙ کي آڇن،
سچّا ماڻهو: سورهن آنا سچّ لڪايون بيٺا هِن.

پورا ماڻهو: پيڪيون ڏيئي، سياڻن کي ٿا سمجهائن،
سياڻا ماڻهو: سيڪجهه سمجهيون وات سبايون بيٺا هِن.

ٻوڙا ماڻهو: هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڪاتيون ۽ چاقون،
ڊوليا ماڻهو: هٿ ۾ ڊاڪئون نيڻ وِڇايون بيٺا هِن.

رهزن ماڻهو: ٻگهڙن وانگون ٽوليون ٺاهيون، روڪن راهون،
رهبر ماڻهو: هرڻين وانگر نيڻ ٽمايون بيٺا هِن.

هلڪا ماڻهو: ڪڪرن وانگر چوٽ چڙهي گجڪارون ڪن،
ڳورا ماڻهو: جبلن وانگر ساهہ سُڪايون بيٺا هِن.

شاهي ماڻهو: پاڻ وڻايون، ڇا نہ وڄايون وِيٺا هِن،
شاعر ماڻهو: شان اجا ”استاد“ بچايون بيٺا هِن.

Gul Hayat Institute